# سُگنڌ



(ناٽڪن جو مجموعو)

- سروج پارواٽي

# سـڳـنـڌ

## (ناٽڪن جو مجموعو)

ليکڪا: **شريمتي سروج گوپال پارواڻي**
"سائين سدا"، بنگلو نمبر اي - ۴۲، ڀائي پرتاپ نگر،
گانڌي ڌام - ۳۷۰۲۰۱    فون (گهر): ۲۱۲۸۲

ڇاپو: پهريون

ڪاپيون: ۱۰۰۰

قيمت: ۶-۴۵

سال: ۱۹۸۸

ڇپيندڙ: گرديو پرنٽنگ پريس، ڊيولالي بزار،
ڪبير نگر، احمدآباد - ۳۸۲۳۴۰.

(گجرات سنڌي اڪاڊمي جي سهائتا سان ڇپايل)

# سلسلو

# SUGANDH

**( Six Dramas )**

Written by :

**Smt. Saroj Gopal Bharwani**
'Sai Sudha' Bunglow No. B-42,
Bhai Pratap Nagar, Gandhidham-370201.
Phone Resi : 21282

Year of Publishing : 1988

Copies : 1000

Price : **6-45**

Printed at : Gurdev Printing Press.
Devlali Bazar, Kubernagar,
Ahmedabad-382340.

(with Financial aid of Gujarat Sindhi Akademi)

# سڃاڻپ !

شريمتي سروج گوپال پارواڻيءَ جون ايڪانڪيون نه رڳو هندواسيءَ پر ٻين هفتيوار اخبارن ۾ ڇپيون آهن، پر اهي وشال گانڌي ڌام ۾ اسٽيج تي پڻ اچي چڪيون آهن. **منش** سماجڪ پراڻي آهي، جنهن ڪري هن لاءِ سماج جي ڀلي چاهي ڀهتريءَ ٻابت سوچڻ سڀاوڪ توڙي لازمي ٿيو پوي. ٻيءَ طرح هو سماج توڙي ذاتي ڪرم - قبيلي کان الڳ ٿلڳ رهي سگهي، جنهن جي زندگي گذاري ٿي نه سگهندو. اها حقيقت پڻ سروج پارواڻيءَ چڱيءَ پر سمجهي ٿي نه سجهي؟ اهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس لکيل ڪهاڻين توڙي ايڪانڪين منجهان اهڙي قسم جي سڃاڻپ اچي ٿي.

شريمتي سروج نه رڳو ليکڪا آهي، پر هوءَ قابل اڌياپڪا ۽ ڪامياب گهر ڌياڻي پڻ آهي. تنهنڪري سندس انڀو کي جهڙو تهڙو ڪين ڇنڊو. هن ساگر جي اُنهن ڇولين توڙي ندين جي تيز وهڪرن کي ڏٺو آهي، نه ڪوهن کي گهيڙي، انهن منجهان نڪتل مٺي يا ٻاڙي پاڻيءَ جي ذائقي کان به هوءَ غير واقف ڪين آهي. سندس گهر - گرهستيءَ جا آزمودا ۽ اوڙي - پاڙي جو ڪيل مشاهدو "سڃاڻپ" جي ڇهن

# ليکڪا جا ٻہ ٻول

جدا جدا وشين تي هيءَ ناٽڪن جو گُٽڪو پاٺڪن ۽ ساهتيہ پريمين اڳيان پيش ڪندي مونکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

موجوده حالتن هيٺ جڏهن سنڌي ساهتيہ لاءِ اُتساهه گهٽ ٿيندو پيو وڃي، اهڙي وقت ڪوبہ سنڌي ڪتاب شايع ڪرڻ خواه انجو وڪرو ڪرڻ بہ هڪ وڏو مسئلو ٿي پيو آهي. پر چوندا آهن جتي چاهه آهي اُتي راه آهي. اهڙي اُتساهہ ۽ اُمنگ سان مون هيءَ جدا جدا وشين تي ٦ ناٽڪ قلمبند ڪيا آهن ۽ هن ڪتابي صورت ۾ توهان اڳيان آندا آهن.

هن ڪتاب کي شايع ڪرڻ ۾ گجرات سنڌي اڪادمي، گانڌي نگر جي طرفان مليل اُتساهہ ۽ مالي مدد لاءِ مان اڪادميءَ جي ٿورائتي آهيان. هيءَ توهانجي هٿن ۾ سونپي رهي آهيان ۽ توهانجي هر رائي جو سواگت ڪنديس.

— سروج پارواڻي

ٿي ايڪانڪين منجهان ظاهر ظهور پسجي ٿو. حساس
واري دل سوچ ۽ سماجڪ - اوڻاين مٿان پردو
هٽائيندي، جنهن طرح نرم ڪپڙن جي چين کان ڪم
ورتو آهي، اهو ڪتاب جي نالي جي مريادا سان سڀ
ٺڪا ٺهڪي ٿو اچي. سڳنڌ ۾ ڏنل ڇهن ئي ايڪانڪين
جي وشيه سان نڀاهڻ ۾ هن ڪوشش ڪري، ڪاٻ
ڪسر ڇڏي ڪانهي - آخر هو ء خود ٻي ته هڪ
ڄاتل سڃاتل اداڪار آهي. سندس عمر جو وڏو حصو
وري اُستاد ٿي رهڻ ۾ گذريو آهي؛ انهن ڪري
ڪٿي - ڪٿي ڳالهه سمجهڻ - سمجهائڻ لاءِ هن ڪي
قدر لمبن مڪالمن کان ڪم ورتو آهي. هن ڪنهن به
اڙٻنگ کي بندوق جي گوليءَ جو نشانو بڻايو ناهي،
آچارڻ جو ٿي!

مونکي اميد آهي ته "سڳنڌ" جي گهرو ۽ آسان
ٻولي، سنڌين جي ٻراڻي چاهي نئين پيڙهي سولائيءَ
سان سمجهي ۽ هضم ڪري سگهندي. اهوئي هن
ڪتاب لکڻ توڙي ڇپائڻ جو مقصد آهي!

"دڪايل"

آديپور (ڪڇ) ۲۳ اپريل ۱۹۸۸

# -: وچن :-

آداڪار:

گهنشيامداس: گهر جو مالڪ
سندري : گهنشيامداس جي زال
ميرا : گهنشيامداس جي ڌيءَ
جڳديش بابو: هڪ ڪامياب جج
ڪملا : جڳديش بابوءَ جي زال
سريش : جڳديش بابوءَ جو پٽ
جهامن : نوڪر
جڳهه : هڪ سادو اوطاق جو ڪمرو (گهنشيامداس جو گهر)
هڪ سينگاريل اوطاق جو ڪمرو (جڳديش بابوءَ جو گهر)

(دروازي تي گهنٽيءَ جو آواز)

گه: ها ها اچانٿو. (در کلي ٿو ۽ پوسٽ مئن گهنشيامداس کي هڪ چٺي ٿو ڏئي. چٺيءَ کي جاچيندي) اڙي! هيءَ چٺي ته دهليءَ مان آئي

ناٽڪ - ١

# -: وچن :-

ڪملا ۽ سدوري ڀيڻون آهن. ڪملا کي سريش نالي هڪ پٽ آهي ۽ سدوريءَ کي ميرا نالي هڪ ڌيءُ. جڏهن ننڍي هوندي ٻئي ٻار گڏجي راند ٿا ڪن ته سندن جوڙيءَ کي ساراهيندي ٻئي مائر هڪٻئي سان مستي ڪندي وچن ڏيون ڏين ته وڏي ٿيڻ تي ٻنهي جي پاڻ ۾ شادي ڪنداسين. سدوري معمولي ڪلارڪ جي زال آهي هوءَ ان ڳالهه کي مستي سمجهي وساري ٿي ڇڏي. ڪجهه وقت ۾ ڪملا جي پتيءَ جگديش ٻابوءَ جي بدلي دهليءَ ۾ ٿي ٿئي ۽ هو پنهنجي ڪٽنب سوڌو لڏي ٿو وڃي.

عرصو گذرڻ تي ٻار جوان ٿا ٿين ۽ هڪ ڏينهن سدوريءَ کي ڪملا جو خط ٿو اچي، جنهن ۾ ڪيس پنهنجو وچن ياد ڪرايو اٿائين ۽ انکي ٻالڪ لاءِ ميرا جي گهر ڪئي اٿائين. سدوري ته بيحد خوش ٿي ٿئي پر گهنشيامداس کي دال ۾ ڪجهه ڪارو ٿو نظر اچي. آخر هو روبرو دهليءَ وڃن ٿا. اتي پهچڻ سان حالتون ڪيئن ٿيون ڦيرو کائن ۽ جگديش ٻابو جج جي ناتي ڪهڙو فيصلو ٿو ڏئي، سو اندر پڙهو.

ڪوپ نہ ڀڳي پيو ۽ نڪو آڱر مان رت
پيو وهي!

گهہ: سدوري! مان مٿي ڇو ڪريان هيءُ ڏس خط تنهنجي ساهيڙيءَ ڪملا جو ۽ ڏس دهليءَ مان آيو آهي نہ؟ هيئنر ئي تہ پوسٽ مين ڏئي ويو.

س: ڪملا! ڪهڙي ڪملا؟

گهہ: اڙي هوءَ جڳديش بابو وڪيل جي زال، جيڪي اڳي اسانجي سامهون واري جاءِ ۾ رهندا هئا.

س: پر انهيءَ کي ويئي تہ ڪي سال ٿي ويا هاڻي خط لکيو اٿس. ڪٿي پٽ جي شادي تہ ڪانہ ٿي ڪري- (ياد ڪندي) ها ها کيس سريش نالي ننڍڙو پٽ هئو، ڏاڍو سٺو هئس.

گهہ: سدوري يادگيريءَ جي تہ ڏاڍي پڪي آهين. سچ مائٽن توسان ظلم ڪيو، جي توکي پاڙهين ها تہ ضرور ڪنهن عهدي تي پهچين ها!

س: ٺهيو - هاڻي ٺهيو - مٿي ڇڏيو - خط پڙهي ٻڌايو تہ ڪملا لکيو ڇا آهي؟

گهہ: تون پنهنجو ٽيپ رڪارڊر بند ڪر تہ ٻڌايانءِ نہ؟

س: ٿرسو ٿرسو پهريان رڌڻي جو در تہ بند ڪري اچان متان ٻلي کير نہ پي وڃي. (در بند ڪري اچي ٿي) ها هاڻي ٻڌايو.

گهہ: ڇڏ هن تون ۽ ڪملا پاڻ ۾ ڳالهيون وڃي

آهي پر ... اسانجو ته دهليءَ ۾ ڪير ڪونهي.
(چٽي ڪولي پڙهي ٿو) سدوري، او سدوري،
ٻڌ ٻن ٿي ڪين ٻوڙي آهين؟ سدوري.

س : آهي ڇا؟ سڄو ڏينهن اصل رڙو رڙ پيئي پيئيو. هاڻي ته اچان نيرڻ، ڇانهه ڏيئي ويٺي آهيان ٿو، اهڙي پوري ڇا ڪپيو؟ سرڪار توهانکي ته نوڪريءَ کان رٽائرڊ ڪري ڇڏيو ته ويهي آرام ڪر پر مونکي ته جڻ مفت جي نوڪري ڏيئي ڇڏيائين! سچ چيو آهي وڏن ته مرد گهر ۾ ويهي ته جڻ گهر ٿي وڻاڻ ٿيو پوي.

گهه : ڀڳوان نالو ته سدوري ڏنئه پر آهين نالي جي بلڪل ابتڙ، ماڻهن جون ڳالهيون ڏس ته ڪيئن ته پيون ٿيهي نڪي گهمڻ پيا باڻ ۾ روح رهاڻ ڪن پر تون آهين سو گهر جي ڪم مان ئي ڪٿي واندي ٿئين. آهيون ٻ ٻڪ ۾ ٿي جٽا پر ڪم ۾ رڌل اٿين ٿي رهين جڻ تيهن جي آکه هجي. شايد ڀڳوان جڏهن ڪم ورهايو ته تو وڏي جهول جهلي هوندي، اٿين نه؟ ڇڱو ڇڱو هاڻي ويهه ته هڪ خوشخبري ٻڌايانءِ. ڏس تنهنجي ساهيڙيءَ ڪملا جو خط آيو اٿيئي.

س : هان! ته اها مستي ڪرڻ لاءِ مونکي سڏ ڪيو اٿو. مان ڇوان ٿي ته مونکي ٺڳ ڪرڻ ۾ توهانکي ڪهڙو مزو ٿو اچي. ڏسو ته لڪڙ ۾

توکي ياد هوندو. ته ننڍي هوندي تنهنجي ميدا ۽ منهنجو سڀاش ڪيئن نه، پاڻ ۾ پيا راند ڪندا هئا. سمدن پيار ڏسي اسان هڪ ٻئي کي وچن ڏنو هئو ته ٻئي ٻار وڏا ٿيندا ته سمدن شادي ڪنداسين. منهنجو سڀاش ته هاڻي ڪافي وڏو ٿي ويو آهي ۽ مان سمجهان ٿي ميدا به سڀ پڙهي ورتو هوندو. هاڻي اسين پنهنجي زبان مان نڪتل وچن پورو ڪريون ته سٺو ٿيندو. هن خط پهچڻ شرط احوال ڏج. ته توهين ٿا اچو يا اسين توهان وٽ اچون؟ منهنجي ائڊريس هيٺ ڄاڻايل اٿيئي.

چڱو وڌيڪ رواڻو. نمستي دادا لاءِ ۽ بيحد پيار ميدا لاءِ.

پيارن مان تنهنجي ڀيڻ،
ڪملا

س: واهه واهه! ميدا جا ته ڀاڳ کليا آهن جو گهر ويٺي هيڏو سٺو ڇوڪرو ۽ سٺو گهر چڙهي آيو آهي. اڄڪلهه اهڙا گهر ڇوڪرن لاءِ ملڻ ڏاڍا مشڪل آهن.

گهه: سڌوري ايتري اڀري نه ٿيءُ مونکي ته دال ۾ ڪجهه ڪارو نٿو نظر اچي نه. ڀلا هيترا وڏا ماڻهو اسان سان سڱ ڇو ڳنڍيندا؟

س: رڳو ٿيا — اڄا توهانجو اهو وهمي سڀاءُ نه مٽيو

ڪنديون ھيون ته تو ڪملا کي چيو ھئو ڇا ته
جڏھن ميندُ وڏي ٿيندي ته اُنھيءَ جي شادي
سندس پٽ سرِيش سان ڪندينءَ؟

س: ها ها، سو ڇا ٿيو؟ ھو ٿيا وڏا ٻاٽهو، سي
وري اسان جهڙن سان ڪيئن سڱ ڳنڍيندا؟
البت مينوُ ڪملا کي ڏاڍو وڻندي ھئي ته،
ڪملا ھڪ ڏينھن چيو ته ڏس نه، سدوري ٻار
پاڻ ۾ ڪيڏا نه خوش آھن، ھاڻي ھيءَ وڏا
ٿيندا ته ٻنھي جي پاڻ ۾ شادي ڪٽي ڪنداسين.

گھ: پر تو ته انھيءَ ڳالھ جو مون سان ڪڏھن ذڪر
ئي ڪونه ڪيو ھئو؟

س: نه ڪيو مانوَ ته ڇا ٿيو؟ مان ئي ته ٻڌان آخر ڪملا
لکيو ڇا آھي، جو توھان اھڙي گهٻرتا سان
پيا سندس خط جو خلم مچايو؟

گھ: ها ها ٻڌايانءِ ٿو خط، ھان ٻڌ.

(خط پڙھي ٿو.)

پياري ڀيڻ سدوري،

اميد ته سڀئي ڪٽنب سوڌي خوش ھونديون. ڀيڻ
ھيءَ خط گھڻي وقت کانپوءِ توکي لکي رھي آھيان.
اِنجو توکي عجب ته ضرور لڳندو، اسين جڏھن
توھانجي پاڙي ۾ رھندا ھئاسين ته، توکي ميدا نالي
ھڪ ڌيءَ ھئي پوءِ ته، خبر ناھي ڪھڙا ٻار اٿيئي.

پٽ ڪي نہ چاڙهيو هوندو؟

گه: سڏوري مون لوڪي ڇيو تہ ميدا جي راءِ کان
سواءِ مان سندس شاديءَ جو ڪوبہ فيصلو ڪانہ
ڪندس. لڪڙ گهڙي آهي؟ ميدا ڪـــي اڄڻ
ڏي شادي انکي ڪرڻي آهي يا اسانکي؟

م: (ايندي) ڊئبي وري ڪنهنجي شادي آهي؟

گه: ميڊو پٽ، اڄي وڃين، وڏي عمر اٿيئي! پٽ
ماڻهين تنهنجي شاديءَ لاءِ پيئي سوچي. ڇوڪري
ٿي تہ ميدا هاڻي وڏي ٿي وئي آهي.

م: اڇا تہ جهامن ماءُ ميءَ ڪـــي بہ پئي پڙهائڻ
پڇي وئي؟ وري اڇـــي تہ مـان ٿـي سڏو
ڪريانس، پنهنجو پيٽ پرڻ لاءِ ڪا ڇوڪري
واڳهوءَ جي واٽ پر وجهيو اڇي تہ ڪنهن ڪـي
ڪوهہ پر اڇلايو اڇي جڻ دنيا پر جـــون نياڻيون
سندس اٿو ٿيون ڪٿانئين جو ولي ٿـي سيڪي جا
گهر ٺوسيندي، حاجماڻي پليءَ وانگر.

گه: پٽ ميڊو ڇوٽي ويچاريءَ جهامن ماءُ کي اجايون
گاريون ڏين. تنهنجي شاديءَ لاءِ مـاڻهين ڪـي
سندس ساهيڙيءَ ڪملا وٽان آفر آئي آهـــي.
هيءَ ڏس دهليءَ مان ماڻهين کي خط لکيو
اٿس.

م: (ڪلندي) ڊئبي ڇوٽا مستي ڪريو؟ منهنجي

آهي - تو ٻڌو، هوءَ نہ ويچاري ڏنل وچن کي ئي
ٻاٽي ڏئي، اهو نہ سمجهو ڇوڪريءَ جو نصيب
زور آهي ۽ هو ماڻهو سٺا آهن نہ نہ ڀلا هٿڙا گهر
ملڻ ڪا سولي ڳالهہ آهي ڇا؟ اسانکي نہ هڪدم
ڪين لڪڻ ڪپي نہ تو هين هتي اچو، اسانجو ڪو
نياڻيءَ جي گهر هلڻ ٿيندو ڇا؟

گهہ : ڇا جي نياڻي؟ اس ڪملا جـــي خط سان هو
اسان لاءِ نياڻيءَ جو گهر ئي نہ وٺو ڇا؟ ۽ وري
ميدا جو ان ٻاري ۾ ڪهڙو رايو آهي سو ڀي نہ
ڏسجي نہ؟

س : انهيءَ جو رايو وري ڇا جو؟ ڇوڪريءَ جـي
شاديءَ لاءِ اسين سوچيندا سين يا هوءَ پنهنجي
شاديءَ جو پاڻ فيصلو ڪندي؟ ۽ وري اسين
ڪو سندس ٻرو سوچيندا سين ڇا؟

گهہ : ٻرو سوچين يا نہ؟ ٻر جنهن ڇوڪريءَ کـي
زندگيءَ جو ساٿي ڪپي انکي سندس رايو ڏيڻ
جو پورو پورو حق هئڻ گهرجـي، مان تہ ميدا
جي رايي کانسواءِ هڪل قدم نہ کڻندس.

س : تو ٻڌو آهي تو ٻڌو جڻ مان ميدا جي ماءُ نہ ٻر دشمن
آهيان؟ ڀلا توهين ئي ٻڌايو ميدا هٿڙي گهر لاءِ
نہ ڇو ڪندي؟ ۽ وري اسان ئي ميدا کي هيڏو
پڙهايو آهي نہ ڪملا پڙهيل ڳڙهيل ئـي ڪري

سندن سڱ جوڙڻ جو ڳاڻ ۾ واعدو ٿــا ڪن ته
اهو ڪين وڏي هوندي ڳالهه ڪهي ؟

گهه : نه پٽ اهڙي ڳالهه ڪونهي هيءَ رشتو جــي
ٺوڪي منظور هوندو الڏهن ٿي شادي ٿيندي،
تون ڀهر ٻن ڪجهه ڪاڻ ٻيءَ ڀوءِ هــيءَ خط پڙهه
ته مان ڪين جواب ڏيان.

س : اڇها منهنجي ٻڍڙي ، مان نيرن ڪٽي آئي آهيان،
ڪاڻ ته مان تنهنجي لاءِ چانهه ڪٽي اچان، اڙي
اڄ ته خوشيءَ ۾ اهڙي چانهه پيار پيندي ساڻ جو
عمر ۾ نه پيتي هوندءِ.

م : ڇو ممي چاچي خوشي ٿي اٿيئي ؟

س : اڄان ٻچين ٿــي پٽ ؟ نصيب زور اٿيئي! ٻلهار
وڃان پنهنجي واهگروءَ تــان جنهن گهر وٺي
منهنجي چنتا لاٿي آهي.

م : هان ته تون مون مان ڏڳ وٺي آهين اٿين نه ؟

س : ڏڳ ڇو ٿيان ؟ ڪهڙا ڏهه پندرهن ٻار اٿم ؟
هڪ تون ٿي ته سڪيلڌي آهين. ٻر پٽ، ڏيڍر
نيٺ ڀراڙو ڌن آهن، ڪيترو وقت ڀاڻ وٽ
وهاريون ؟ نيٺ وهــيءَ ساڙو شادي ان ته
ڪرائيون نه ؟

گهه : هاڻي بس ڪر، وٽ پٽ ميڻو هيءَ خط پڙهه.

مئي وچاري سادي سودي ۽ وچاري الف
بي به ڪانه ڄاڻي اُنهيءَ کي وري ساهيڙي
ڇٺي ڪيئن لکندي؟ ضرور اها به نه اڻپڙهيل
هوندي نه؟

گهه: نه پٽ نه، مان مستي ڪانه ٿو ڪريان. هيءَ
ڏس خط ۽ وري هيءَ نه هڪ وڪيل جي زال
آهي اڳي هن سامهون واري جاءِ ۾ رهندا هئا
۽ چڱا سال اڳ بدلي ٿي هليا ويا هئا ٿون
تڏهن ڪافي ننڍڙي هئينءَ.

م: پر ٻڌي مون پنهنجي سانڍيڙ ۾ ڪڏهن به توهان
جي واتان يا مئيءَ جي واتان هن ڪملا آنٽيءَ
جو ذڪر ڪونه ٻڌو آهي، پوءِ اڄ اوچتو هيءَ
شاديءَ جي آفر؟ ۽ وري چئو ٿا تہ وڏا ماڻهو
آهن، مونکي نه ڳالهه سمجهه ۾ ٿي نٿي اچي.

گهه: پٽ، ڪملا سدوريءَ کي پنهنجو وچن ياد
ڏياريو آهي جو تون ۽ سريش ننڍا هئا ته پاڻ ۾
رانديون ڪندا هئا ته ڪملا ۽ سدوريءَ پاڻ ۾
وچن ڏنو هئو ته ٻار وڏا ٿيندا تہ سندن پاڻ ۾
شادي ڪرائيندا سين، هاڻي ڪملا اهو وچن ياد
ڏياري سدوريءَ کان تنهنجي گهر ڪئي آهي.

م: پر ٻڌي نه ڇا توهان به ان ڳالهه ۾ وشواس ٿا
ڪريو ته ننڍپڻ ٻارن جا ماٽت جي ننڍپڻ ۾

ڏھ : اڙي بابا ڪاوڙج نه، تون سياڻي اسين ٻئي بيوقوف، ٺيڪ آهي؟ جنهن ۾ تون خوش، اس؟

س : چڱو چڱو هان وٺو ٻنو ٻين لڪو چٽي نه ته اِها ٻه هڪ ڏينهن ڏبر ٻوندي.

ڳھ : (چٽي لکي) چڱو ٻٽ مان هيءَ ٻوسٽ ڪري ٿو اچان، تون ٽيسين فرش ٿيءَ ۽ آرام ڪر.

س : واه گرو بابا جلد ٻڌجو ڪم ڪر نه، تولي سوا رپئي جو ڪڙاه پرساد چاڙهيان.

م : (ڪلنڊي) ۽ ها مان ٻليءَ جو ٻڪرو ٽيان.

(اِسٽيشن جو نظارو)

ج : هلو سائين گهنشامداس ڪيئن سڄاڻو نه؟ ٻهڇي ويا سک سان، ٻاٻي نمستي، اڙي ميندو ڪيڏي نه وڏي ٿي ويئي آهي، اچو توهان سامان اِٽي ڇڏيو مونسان نوڪر آهي، ڪشن او ڪشن.

ڪ : اِجهو سائين غلام حاضر آهي، ٻلا مان ڪيڏي ويندس؟ توهانجي ٻنتون ٿي ته ٻيٺو آهيان.

ج : هاڻي گهڻو ڇو ٿو ڳالهائين جلدي ڪر هيءُ سامان کڻ ۽ هلي جيپ ۾ رک. اچو سائين اچو هن طرف اچو. (جيپ ۾ وهن ٿا.) ڪشن! سامان سڀ اچي ويو؟

ڪ : ها سائين سامان هيو گهڻو هڪ ٻيٽي، هڪ نديڙو بسترو ۽ هڪ چلي.

۽ جيڪو جواب واجب سمجهين سو ٻڌاءِ ته مان ڏيئي ڇڏيان.

(ميڏو خط پڙهي ٿي)

م: ڀائڏي مان ته ڪا ڳڙٻڙ ٿي سمجهان. اڄ اسانجي سماج ۾ اهڙا انسان ٿي ته پٽن جا داو ٻزار ۾ لڳائي ويٺا آهن سي هڪ غريب گهر جي ڇوڪري ڀلان ڏسڻ ۽ ڀلان ٻچڻ جي گهرن ڇو ٿا؟ اسان کي جي سچ پڇ ان ڳالهه ۾ Intrest وٺڻي ٿي آهي ته دورو هلي سڀڪي ٻچا ڳاڇا ڪرڻ کپي. شادي ڪو گڏي گڏيءَ جي راند ڪانهي، هيءَ ته هڪبئي جي زندگيءَ جو سودو آهي.

گه: شاباس پٽ تو ته منهنجي دل وٽان ڳالهه ڪئي آهي هاڻي رڳو ٻڌاءِ ته ڪڏهن هلڻ کپي؟

م: (سوچيندي) ڀائبي بس ايندڙ ڇنڇر آرتوار نيڪ ٿيندو. اڄ سومر آهي هنن کي خط ۾ آرام سان لکجي ويندو.

گه: ها ها ائين ئي نيڪ ٿيندو، پٽ، آهين نيٺ منهنجي ڌيءُ سو سياڻي ته ٿيندينءَ نه؟

س: ها ها توهين ٻئي آهيو سياڻا ۽ مان بيوقوف ائين نه؟ اڙي هيءُ رشتو ڪنهن جي ڪري آيو اٿو؟ اهو سوچيو اٿوَ؟ باقي پاڻ کي سياڻو سڏائي پيا خوش ٿيو.

ڪملا: نه دادا اِلي ئي هوندو جلدي اچي ويندو.
ڪ : (ٺانهه رکندي) نه مالڪڻ نه نڪتو ٻاهر ته رات کان دوستن سان الائي ڪاٿي هليو ويو چيائين ته ڊئڊيءَ کي چئج منهنجو انتظار نه ڪري.
ج : توکي وچ ۾ ڳالهائڻ لاءِ ڪنهن چيو وڃ هتان هليو وڃ، خبر پئي پس ڪانه اڄ ٻيو ويٺو ڳالهائي. سريش کي رات ڪنهن بزنيس ڊنر جي ڪري ٻاهر وڃڻو پيو هو مونکي اڳ ئي چئي ڇڏيو هئو.
گهه : پر ٻاٻيءَ ته چيو اِلي ئي آهي اچي ويندو.
ڪملا: (هٻڪندي) نه نه منهنجو مطلب هئو اِجهو ئي آيو، جو چيو هئائين ته مان جلد پهچڻ جي ڪوشش ڪندس آخر ميدا جي سڪ ڪانه لڳندس؟
م : سامهون ٽيبل تي پيل فريم ۾ فوٽو ڏسندي چيو آنٽي هيءُ فوٽو ڪنهنجو آهي؟
ڪملا: (خوش ٿيندي) هيءُ تنهنجي سريش جو ئي ته فوٽو آهي.
م : ڇا هيءُ سريش آهي جنهن سان توهان منهنجو رشتو ڳنڍڻ ٿا چاهيو؟
ڪملا: ڇو؟ تون سريش کي سڃاڻين؟
م : ها آنٽي بلڪل چڱيءَ طرح.
ڪملا: پر هو ته جئپور ڪڏهن ڪانه آيو آهي.

ج : ڇڳو چپ ڪندين؟ مون توکان پڇيو ڇا ته سامان گهڻو هئو؟ جلدي وڃو. (جيپ بنگلي وٽ بيٺي)

ڪملا: (آجيان ڪندي) اڄ سويري اڄ ڪيڏن ڏينهن کانپوءِ گڏ ٿيا آهيون. دادا نمستي، مينو پٽ تون ته مونکي ڪانه سڃاڻندينءَ.

م : (مشڪندي) آنٽي مون توهانجي باري ۾ هفتو اڳ ٻڌو آهي ۽ اڄ پهريون دفعو توهانکي ڏسان ٿي.

ڪملا: سويري ڏيءُ ته ڏاڍي وڻندڙ اليڙي اصل هڪ نظر ۾ مونکي موهي ڇڏيائين.

گه: پاڻي هيءَ ڏيءُ ڀلي سويريءَ جي هجي پر مهنجو ته پٽ آهي ۽ وري خبر اٿو هن جا ۽ مهنجا خيال ڏاڍا پاڻ ۾ ملندا آهن. (سڀ کلن ٿا)

ڪملا: ڪشن او ڪشن ڪيڏانهن وئين؟ ماريا چانهه پاڻ ته ڪڻي اچ.

ڪ : اڄهو مالڪڻ توهان رڳو حڪم ڪريو، ڏسو چانهه جهٽ ٿو ٿاهي وٺان ۽ بسڪوٽ به ڪڻي اچان؟

ج : توکي گهڻا دفعا چيو اٿم ڳالهاءِ گهٽ ڪم گهڻو ڪر، جلدي چانهه بسڪيٽ ڪڻي اچ. (نوڪر وڃي ٿو.)

گه: ڇو ڀلا سريش نظر نٿو اچي؟ ڇا اڃا سمهيو پيو آهي ڇا؟

ڪرڻ چاهي پر هوءَ ڪمزور دل هئي هن توهان
جي اميريءَ اڳيان پنهنجي مجبوريءَ کي
داغ سمجهيو ۽ سوچائين اجايو بدنام ٿيان ان
ڪري چپ رهي، پڻس ڌيءُ جي بدناميءَ جي
ڪري پنهنجي بدلي ڪرائي جهٽپور هليو آيو.

ڪملا: پر انجي کهڙي ثابتي آهي؟ مونکي لڳي ٿو
ته ڪامدي اسانجي دولت جي لالچ ۾ سريش
تي اها تهمت ٿي هڻي.

م : نه آنٽي نه توهين هڪ استريءَ جي دل کي
سمجهو. هوءَ جي توهانجي دولت جي لالچائي
هجي ها ته ضرور توهان سان گڏجي ها، پر هن
ائين نه ڪيو جو ڪيس خبر هئي ته دولتمند
انسان وٽ دل ڪانه هوندي آهي پر هوءَ اڃان
به سريش جي پوڄا ٿي ڪري. هوءَ ميران واڱر
پنهنجي پيار جي ديواني آهي، هوءَ چوندي
آهي ڀارتيءَ ناري زندگيءَ ۾ هڪ سان ئي پيار
ڪندي آهي ۽ هڪ کي ئي جيون ساٿي
بڻائيندي آهي ۽ هاڻي سريش کانسواءِ ڪنهنجو
به منهنجي جيون تي اڌڪار ڪانهي.

ج : ميڊو پٽ ڇا اهو سڀ سچ آهي؟

م : اڪل ڪامديءَ وٽ سريش جا ڪيترائي فوٽا
آهن انکري ته مون هن فوٽي سان سريش کي

م : آنٽي جئپور نہ آيو آهي تہ ڇا ٿيو؟ پر جئپور ۾ ھنجي ياد تہ آهي نہ؟

ڪملا: مون توهانجي ڳالهہ ڪانہ سمجھي.

م : آنٽي توهان ڪامنيءَ کي سڃاڻو؟ جيڪا سريش سان گڏ پڙهندي هئي ۽ ڪيترا دفعا توهانجي گهر بہ آئي هئي.

ڪملا: ها ها برابر سريش چوندو هئو مونکان Notes وٺڻ آئي آهي، جنهنجو پيءُ پوسٽ ماستر آهي. اها نہ؟

م : ها آنٽي ها توهان برابر سڃاتو آهي.

ڪملا: ها سو ڇا ٿيو؟ جي سريش ڪنهن سان دوستي رکي تہ ڪھڙي غلطي ڪيائين؟

م : آنٽي دوستي رکڻ خراب ڪانهي پر دوستيءَ کي داغ لڳڻ خراب آهي.

ڪملا: مطلب؟

م : اهو ٿي تہ سريش ساڻس ڏاڍو گهرو هليو، ڪيس پنهنجي پيار ۾ ڦاسايو شاديءَ جا سپنا ڏيکاريا ۽ نتيجو اهو نڪتو جو هوءَ هڪ ڏينهن سريش جي ٻار جي ماءُ ٻڻجڻ واري ٿي. هن جڏهن سريش سان اِن ڳالهہ جو ذڪر ڪيو تہ سريش اُن ڪانپوءِ ساڻس ملاقات ڪرڻ بند ڪري ڇڏي، هن هڪ دفعو همت ڪري توهان سان ڳالهہ

ج : ھيتري دير ڪٿي ھئين ؟

س : او ڀاڀي ! اڄ ته دوستن کي فاءِ اسٽار ۾ بريڪ
فاسٽ ڏني ھئي اتي ويو ھوس.

گھ : ڇو پٽ ، توکي اسانجي اچڻ جي ڄاڻ ڪانه
ھئي ڇا ؟

س : انڪل ، توھان سڀني لاءِ ته ممي ڀاڀي
ڪافي آھن.

گھ : پر ڇا توکي ميدا جي به خبر ڪانه ھئي ؟

س : انڪل ! ميدا ته ھاڻي ھن گھر ۾ ٿي اچڻي آھي
پوءِ اتاول ڇاجي ؟

گھ : توکي اھو وھم ڪيئن ٿيو ته ميدا ھن گھر ۾
ايندي ؟ ھن گھر لاءِ حق ڪامڻيءَ جو آھي
جيڪو ڪير به انکان کسي نٿو سگھي.

س : اھا ڪامڻي وري ڪير ٿيندي آھي ؟ توھان
کي ته ھڪڙي ميدا ئي ڌيءَ آھي نه ؟

گھ : تون ڀليو آھين ، چمن مھدن کان ڪامڻي به
منھنجي ڌيءَ آھي.

س : اوھ ! ته ڇا مونکي چمن مھدن جي ڇوڪريءَ
سان شادي ڪرائيندا ؟

گھ : اھو عمر جو حساب ڪتاب پوءِ پيو ڪجانءِ ،
ھاڻي جلد ڪر، ھلڻ لاءِ تيار ٿي وڃ.

س : انڪل سنڀالي ڳالھايو، اسين عزتدار ماڻھون

سچائو، نه ته مان ڀلا ڪڏهن دهليءَ آئي آهيان ڇا؟

ج : ڪملا مان توکي ڪيترا پيرا پيو چتائيندو هئس ته سريش جي هلت چلت مونکي برابر نٿي لڳي پر تون ممتا جي موه جي ديواني منهنجي ڪنهن به ڳالهه کي وزن نه ڏيندي هئينءَ! هاڻي ٻڌاءِ ته منهنجو ڪهڙو جواب آهي؟

ڪملا: هر ڪو مائٽ ٻار ۾ وشواس نه رکندو ته؟ هنکي ڪهڙي خبر ته ٻار سندس وشواس جو گهات نه ڪري.

ج : مان ڪڏهن سوچيندو هئس ته اسانجو هيٺرو Status آهي تڏهن به سريش جي ڪا مائٽي نٿي اچي ڇو؟ وري سوچيندو هئس شايد اسانجي شان شوڪت جي ڪري ماڻهو اسانکان دور ٿا ڀڄن ۽ مونکي ڪهڙي خبر ته هيءَ اسانجو نقلي شان آهي ڀڳوان هڪ پٽ ڏنو تنهن به اسانجي عزت ۽ قرار نه رکي، ان ۾ سڄو منهنجو ڏوهه آهي جو تو پڙهيل هوندي به ٻار ۾ سٺا سنسڪار نه پيدا ڪيا پر سدوري اڻپڙهيل هوندي به هڪ سنسڪاري ڌيءَ پيدا ڪئي.

(سريش جو اچڻ)

س : هاءِ ڊئڊ، هيلو انڪل آنٽي، ميمو.

ج : تنهنجي ننڍي صاحب جي شاديءَ لِي.

ڪ : صاحب جي ڪڏهن شادي آهه؟ ڪٿي شادي آهه، ڪنهن سان شادي آهه...؟

ڪملا: ٺهيو هاڻي ٽيپ بند ڪر ۽ جلدي ناشتو لڳاءِ سڀني کي بک لڳي آهي.

ڪ : اڇهو دادي حاضر ناشتو.

ڪملا: بس بس! وري مٿو نه کاءُ وڃ وڃي پنهنجو ڪم ڪر.

(سڀ ناشتو ڪن ٿا.)

—: سماپت :—

آهيو، توهان پنهنجي حيثيت کان ٻاهر نه وڃو.

گهه : توهين عزتدار آهيو، پر عزت ڇا ٿيندي آهي اهو شايد ڀلجي ويا آهيو. تنهنجي شادي هاڻي مينا سان نه، پر ڪامنيءَ سان ٿيندي.

س : (جهجهڪندي) پر ...

ج : پر پر ڪجهه به نه. گهنشيامداس سچ ٿو چوي ته هاڻي ڪامني ئي تنهنجي جيون ساٿڻ بڻجندي. ويچاري ڪيتري نه سٺن ويچارن جي آهي جو هوءَ توکي ئـــي پنهنجو ديوتا ٿـي سمجهي، هيترو دکو ملڻ کان پوءِ به تنهنجي ئـي پوڄا ٿي ڪـري. ڪملا! هاڻـــي جلد تياري ڪر ته اسين به هنن سان گڏ جئپور هليا هلون.

ڪملا: پر نـه ڪي مهمان، نه ڪـي چاچي، ايتري ۾ ڪيئن شادي ڪبي؟

ج : ٻيا مهمان ۽ چاچي ڇاجا؟ مينوُ سريش جي ڀيڻ آهي، هيءَ سڀ چاچـي ۽ وري اسانجو ڪشن ڇا ۾ گهٽ آهي؟

ڪ : سائين توهان سڏ ڪيو ڇا؟ ڇڱو مان حاضر آهيان حڪم ڪريو.

ج : تنهنجو نـالو وٺ ۽ حاضر لڳو پيو آهين. ڇڱو ٻڌ، جلد تياري ڪر، شاديءَ تي هلڻو آهي.

ڪ : سائين! ڪنهنجي شادي؟

## ناٽڪ - ٢

# ليکڪ کي مهڪ ڪاڻي

گهنشيامداس کي چار ڌيئر آهن. سندس پتني ساوتري پراڻن خيالن جي آهي جيڪا جوان ڌيئرن کي وڌيڪ وقت گهر ۾ وهارڻ مناسب نه ٿي سمجهي. رات ڏينهن گهوٽ جو مٿو ٿي کائي. گهنشيامداس کي پنهنجي ڌيئرن تي ناز آهي ۽ سندن خواهش موجب سندن شادي ڪرائڻ ٿو چاهي. زال جي چوڻ تي هو ڪيترين جڳهين تي لکپڙهه ڪري ٿو پر ڇنيون نٿيون ملن، نوڪري ڪندڙ آهن، ڏيتي ليتي وغيره جهڙا جواب اچن ٿا. آخر گوهي (مائٽين واري) هڪ لفنگي جي مائٽي ڪٺي اچي ٿي پر ساوتريءَ جون ساهيڙيون کيس خبردار ٿيون ڪن.

گهنشيامداس جي وڏي ڌيءُ سونيا جو پيار هڪ امير گهراڻي جي ڇوڪري اشوڪ سان آهي جيڪو آمريڪا رهندو آهي، آخر هڪ ڏينهن اشوڪ جي چٺي اچي ٿي ۽ هو سونيا کانسواءِ پنهنجي ٻن ڀائرن لاءِ پڻ ڪانتا ۽ رشما جي گهر ڪري ٿو. گهنشيامداس جيڪو اڄ تي ليکڪ کي مڃيندو آهي، اهو هيءُ خط ڏسي ڏاڍو خوش ٿو ٿئي.

## —: ليکڪ کي مبڪ ڪانهي :—

**اداڪار:**

گهنشيامداس : گهر جو وڏو
ساوتري : گهنشيامداس جي زال
سونيا : گهنشيامداس جي ڌيءُ
ڪانتا : " " " "
رشما : " " " "
رينو : " " " "
گومي : مائٽين واري
ڪملي : ساوتريءَ جي ساهيڙي
ڪوشي : " " "
جڳهه : هڪ سادو اوطاق جو ڪمرو.

(گهنشيامداس اخبار پيو پڙهي، سندس ٽي ڌيئر پڪچر تي وڃڻ لاءِ ۽ هڪڙي راند تي وڃڻ لاءِ تيار پيون ٿين اهڙي ۾ مئٽريمونيل ڪالم کي ڏسندي)

گهه : ڪانتا! پٽ، هيڏانهن هن مئٽريمونـل ڪالم

پر ته ڏس، هڪ ڊاڪٽر کي تو جهڙي ٺـي
ڇوڪريءَ جي تلاش آهي، تنهنجو ويچار
هجي ته مان کيس خط لکان.

ڪانتا : ڇا ڊاڪٽر؟ ڊاڪٽر؟ نه بابا نه ڊاڪٽر سان
ڪير شادي ڪندو؟

گهه : ڇو ڊاڪٽر ڇا ۾ خراب آهي؟

ڪانتا : ڊاڪٽر ڊاڪٽر کي پنهنجي فئمليءَ لاءِ وقت
ئي ڪٿي هوندو آهي، ۽ وري کيس ته،
نه رات جي ننڊ نه ڏينهن جو چئن نصيب
ٿئي، فون جي گهنٽي وڄندي ته کيس
ڀلي ڪاڻو اٿي ۾ ڇڏڻو پوي اٿي هليو وڃڻو،
هنکي ته سدائين پنهنجي پيشي جو وڌيڪ
خيال هوندو آهي، ڀلا اهـــڙي شاديءَ مان
ڪهڙو فائدو!

گهه : (کلندي) واهه جا تنهنجا خيال آهن. ڪنهن
کي واڳڻ وانـــي ته ڪنهنکي اصر ٻادي.
چڱو ڀلا هيءَ ڏس، هن انجنيئر جـــي عمر
رشما سان ٺهڪندي. تنهنجو ان ٻاري ۾
ڪهڙو ويچار آهي؟

رشما : ڊاڪٽر رانگ نمبر. مونکي ته انجنيئر کان
سخت نفرت آهي جو سڄو ڏينهن مٽيءَ ۽
سيمينٽ جي وچ ۾ گهاري، جڏهن شام جو

اڇي پهچندو، ڀلا سونيا ڏهڌيءَ جي پيار
جي ڇڪ ڪانھ ٿيندس ؟

گھ : ها پـٽ، تنهنجي واٽ ۾ گيـهه کنڊ.
(کلي ٿو).
(ڇوڪريون وڃن ٿيون ۽ گھنشيامداس وري
اخبار پڙهڻ ۾ مشغول، ساوتريءَ جو اچڻ)

س : هيڏانهن، ٻڌو ٿا ؟

گھ : نه نه ٻوڙو آهيان، اڄ ڪن آفيس ۾ ئي ڀلجي
آيو آهيان.

س : لڳي ٿو، اٿين ٿو. ڀلا جي ڪن هجنو ها ته
پاڙي اوڙي جون ڳالهيون نه ٻـڌو ها، نه
ڇا ٿا چون.

گھ : (غصي ۾ اخبار بند ڪندي) ها، ڇا ٿا چون
پاڙي وارا ؟ ڀلا سڀني ڳالهين ۾ اسانجو ڇـا
وڃي ؟ تون ڀلا آهين واندي سو پاڙي وارن
جون ڳالهيون ٻڌي ويٺي ٽائيم پاس ڪرين.
جي نوڪري ڪندڙ هجين هـا ته پاڙيوارن
جـون ڳالهيون ٻڌڻ جـو وقت ٿـورو ئي
ملـيئي ها.

س : ڳالهه پاڙي وارن جي نه پر اسانجي گھر جي
آهي، اسانجي گھر جي !

گھ : اسانجي گھر جي ؟ پـر اسانجي گھر ۾ انهن

گهر موٽي نہ جهڙو آد ٿواسي.

گهہ : نہ ڀلا ريٽو، تون ٻُڌ. هيءُ هڪ وڪيل جو ٻرو ٻوزل آهي. توکي پسند هجي نہ اٿي لکپڙهہ ڪريان؟

ريٽو : واهہ ٻنڌي واهہ! مان توهانجي لاڏلي ڌيءُ ۽ وري بلڪل سادي، تنهنڪي وڪيل جي حوالي ڪيئن ڪندا؟ جو روز گهر ۾ مهاڀارت لڳو پيو هجي ۽ منهنجي هر ڳالهہ کي ڪوڙو ثابت ڪري. ٻنڌي مان ڪنهن وڪيل سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ڪانہ آهيان.

سونيا : (اٻندي) ٻنڌي ڇاجي شادي؟ ڪنهنجي شادي؟ اڙي! ڇو؟ ڀائي ٻڪڙ تي هلڻو ڪانہ اٿو ڇا؟ جو اڃان ويٺيون شادين جون ڳالهيون ڪريو؟ شو جو وقت ٿي ويو آهي.

ڪانتا : دٻدي توهانجي ڪري ٿي نہ ويٺا آهيون، اسين نہ سويل تيار ٿي ويا سين.

گهہ : ها پٽ سونو، ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن نہ اشوڪ جي ڪا چٺي ئي ڪانہ آئي آهي، ڇو ڀلا؟

سونيا : ٻنڌي مونکي پاڻ ڏاڍي ڇنتا آهي. خبر ناهي ڇو خط ڪانہ لکيو اٿائين.

ريشما : ٻنڌي، خط نہ آيو نہ ڇا ٿيو؟ اشوڪ پاڻ

هوندو اُتي ٿي نه ڳالهه ٿيندي نه ؟

س : (ٽٽولي ڪندي) هون، نه هاڻي آخر ٿو هين
۽ پراڻن خيالن جا ٿيا. ڏسو ڪيئن نه وڏالا
ڪي وچ ۾ وٺي آيا ؟ باقي مونکي ڏري
ٿي پيا ٿو ڪيندا آهيو، پراڻن خيالن جي
آهين ۽ وري هدن چئن ڏينهن لاءِ جوابدار
۽ مونکي ٺهرائيندا آهيو.

گهه : ها، ها، سو اِهو ڪو ڪوڙ ٿو رهئي آهي
ٿو ڪي ٿي نه آش هئي پٽ جي، مان نه
چوندو هئس نه هن زماني ۾ ڏيئر پٽن کان
چا ۾ گهٽ آهن ؟

س : ها پر هينئر جي چار پٽ هجن ها نه اسانکي
ڇڻتا ٿورئي ٿئي ها ؟ چوڪرين وارا لامارا
هڻن ها لامارا، اسانجي گهر.

گهه : شڪر ڪر ايشور جو، جو ڏيئر سشيل اٿيئي.
جي ڪپات پٽ هجن ها نه اهڙو حال ٿئيئي
ها جيئن ٻانهڙ ٻانهن لاءِ محتاج.
(دروازي تي پوسٽ مئن جو آواز)

گهه : (چٺي کڻي اچي ٿو) اِجها، ڏس، آئي
اٿيئي چٺي. هاڻي ڏسون ڪنهنجي آهي ؟
(جاچيندي) ها، هيءَ پوني واري M. L.
Vaswani جي چٺي آئي آهي. (کولي ٿو)

جو وڃي ڇا ؟

س : توهين نه ڳالهيون اهڙيون ڪندا آهيو جو ڪل پيئي اچي، جڏهن ماڻهن جو ٻُوٿ توهين بند ڪري سگهندا، چوندا ڪانه آهن درياه کي بند ٻڌي سگهبو پر ماڻهن جو ٻُوٿ ڪانه ٻڌي سگهندا.

گهہ : پر نيٺ به چون ڇا ٿا ؟ مان به نه ٻڌان نه ؟

س : اهوئي نه اسانجي گهر ۾ چار چار جوان ڌيئر ويٺيون آهن پر اسانکي ڪين اُڪلاڻ جي ڪا چنتا ئي ڪانهي.

گهہ : هان نه اهو مٽي جو سُور به پاڙي وارن کي ٿيو، ڇا اسانجون ڌيئر سڌن اٺـو ٿيون کٽائين ؟

س : اٺو کٽائين يا نه، پر ڳالهه به نه سچي آهي نه ؟ ڇوڪرن جي عمر وڃي ٿي وڌندي. ۽ توهين آهيو سو ڪڏهن هيٺان وهاڻو رکي ويٺا اخبار پڙهو.

گهہ : نه ڇا ڪريان ؟ هيءُ ڪو ڪچرو يا پٿر نه ڪانه آهن جو گهر مان ڪڍي ٻاهر ڦٽي ڪريان. توکي نه خبر آهي نه ڪانتا لاءِ مون گهڻيون جتيون گسايون آهن ؟ گهڻن هنڌ لکپڙهه ڪئي آهي ؟ پر وڌاڻا جو جٽي ليکـ

س : (در کولي) اَئي! ڪملي، ڪوشي اچو اچو،
مٺي ڪيڏا ڏينهن ٿيا آهن توهانکي ڏٺي،
اڄ سڄ کھڙي پاسي کـــان نڪتو آهي؟
ڪٿي رستو ته ڪونه ڀليو آهيو؟

ڪوشي : اَئي ٻار ويا هٿاسين، سوچيوسين موندي
تو وٽان ٿينديون وڃون. تون ته ڀلا ڏسڻ ۾
ٿي نٿي اچين ته ڇا ڪريون؟

س : ٻاٽي ڇا ڪريان؟ گھر جو ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ
واندي ٿيان تـــه خيالن ۾ غلطان. هنن ڇٽن
ڏيٺرن جي چنتا هٽي منهنجي چيلهه ٿي
ڀڃي ڇڏي آهي.

ڪملي : ساوتري تون ته ڇري آهين ڇري، هٽڙيون
سنيون، سهٽيون، سلڇٽين ۽ وري نوڪري
ڪندڙ ڇوڪرين جي کھڙي چنتا؟

ڪوشي : ٻاٽي، اون ته ٿيندين نه؟ توکي نه چار چار
جوان ڏيٺر هجن ها، ته خبر پوئي ها! جو
تن لاڳي سو تن جاڻي، نيٺ ڳولها ته هرڪو
ماڻت ڪندو نه؟

ڪملي : ها، ها ڳولهي ته ڀلي، خبر اٿيئي مونکي
ساوتريءَ جون ڏيٺر اڏيون وٺنديون آهن
جو سوچيندي آهيان ته جي مونکي هِن
جي لائق پٽ هجن ها ته مان ساوتريءَ کان

هان پڻ، هيءُ صاحب چون ٿا ته توهانجي
ڌيءُ کي منگل جو گرهه آهي. ڏس، چئي
۽ هوئو به واپس موڪليو اٿن.

س : ڇاڻا چون؟ منگل جو گرهه؟ پر اهو اڄ ته
ڪنهن به ڪانه چيو آهي. الائي ڇوريءَ جا
ڪهڙا ڳرا گرهه آهن جو جتي ڪٿي مائٽي
هلاءِ ته نٿو اڪر لڳو پيو آهي، قسمت وارا
آهن اهي مائٽ جنجون ڌيئر ننڍيءَ عمر ۾
ئي اڳهاميو وڃن. مائٽن کي جڻ سمڌي ۾ ئي
سندن چنتا ڪانه ٿئي، پر اسين آهيون جو
راتيون ڏينهن پيا ڳڻتين ۾ گذاريون.

گهه : اڙي، اهو ته هنن ڪي نه ڪرڻ جو بهانو
آهي. لڳي ٿو ته ڏيتي ليتي گهٽ
لڳي هوندن، پر ٿورو سوچ، اهڙين سٺين
۽ سلڇڻين ڌيئرن جي ڪهڙي چنتا؟
ويچارا ٻون ٽولي پار ته ڪونه آهن. تنهنجي
اها ڪٿ هٺي مونکي به چنتا ڪرڻ
لاءِ مجبور ٿي ڪري ڇڏي، سچ ته مونکي
آفيس مان گهر اچڻ لئي به دل ڪانه ٿيندي
آهي، پر ڇا ڪريان ڪٿي ڪلب وغيره ۾
وڃڻ جي به ته عادت ڪانه اٿم.

(دروازي تي آواز)

ڪندي ؟ ڪي ڇون ڇوڪري نٿي وٺي ؟
ڪي وري ڇٽي نٿي ملي، ڏس نہ، هيٺئر
اچان هيءُ ٻوني مان خط آيو آهي، ڇون ٿا
توهانجي ڌيءُ کي مدگل جو گرهہ آهي.

ڪوشي : ڇا آهي ؟ هيءُ ماڻهو آهن ؟ ٻـــر ساوتري
هاڻي هـــن نئين زمانـــي ۾ ڇٽي ڪير ٿو
پيٽائي ؟ اڄ ڪلهہ تـــہ اهـي ڳالهيون وٺي
وهنداسين نہ مائٽيون ٿي ڪانہ ٿينديون.

س : پائي ڇٽي پيٽائڻ ڪانسواءِ نہ اسين مائٽي اصل
ڪانہ ڪريون.

ڪملي : ڇو ؟ جي مائٽي ڪبي تہ ڇا ٿيندو ؟

س : ڏاڍو نقصان ٿيندو. يا تہ گهوٽ ڪنوار جي
صحت تي اثر ٿئي، يا سندن حياتيءَ تي ؟
يا وري ٻاڻ اڻبڻت ٿئين.

ڪوشي : اها تہ اجائي ڳالهہ آهي. ڀلا تنهنجي شاديءَ
وقت تنهنجن مـائٽن تنهنجي ڇٽي پيٽائي
هـئـي ؟

س : اڙي، ڇوان تہ ٻيٽي ڇٽي پيٽائڻ کـان سواءِ
اسين شادي ٿي ڪانہ ڪريـون. ڀلي گهڙو
۽ ڪروڙ پتي گهر هجي. ٻــر ڇنيون ٻهر ين
ملڻ ڪين.

ڪملي : تہ پوءِ توهہ ۽ دادا ۾ اڻبڻت ڪـــانہ ٿئي ؟

ڏ يئو گھري وٺان ها، پر اسانجو اھڙو نصيب ڪٿي آھي؟

ڪوشي : ساوتري! سونيا ته توکان شايد اشوڪ گھري ھئي نه؟

ڪملي : ڪھڙو اشوڪ؟ ھو سڳنديءَ جو پٽ؟

س : ها، ها، سڳنديءَ جو پٽ! پاڻي، اشوڪ ته گھري، پر سڳنديءَ کي آھي پئسي جو ڀانڊر. پٽ کي ڇپائين تنھنجي لاءِ ڪي ڇوڪريون ڪٿيون ڇا؟ اسين پنھنجي حيثيت واري گھر مان سٺي ڇوڪري وٺنداسين، ھاڻي پئسو مايا آھي، ”سڀ ڀ. ٻاڇا“ ڪڏھن پريءَ ھو ته ڪڏھن پاڪر ھو. سندس مڙس جا ھيتري ملڪيت ڪمائي، سا ڇا پاڻ سان ڪٽي ويو؟ پر اشوڪ پٽ انس ڇا، اصل ھيرو آھي ھيرو. اھو ته سونيا کي ڀ چٺي لکندو آھي پر اھو ڪڏھن ٿو اچي؟ سونيا سان شادي ڪري نيسين پين تن جو ڀ ته ليک ڪاڻ ٿو ڪلي.

ڪملي : پر نيت ماڻھو ڇون ڇاڻا؟

س : ڇوندا وري ڇا؟ ڪن جو ڏيٽي ليٽيءَ لاءِ واگھوءَ وارو واسف ڦاٿو پيو آھي، ڪي ڇون نوڪري ڪندڙ ڇوڪري آھي سا گھر ڇا

ڇا آهي ؟ توهين ته مرد آهيو، توهانکي
ڪهڙي چنتا ؟ جڏهن ماءُ جـي اڳيان ٢٤
ڪلاڪ جوان ڌيئر ڦرنديون ننڊ ڦٽندي
اٿهيءَ جي، توهين ته ٨ ڪلاڪ ننڊ ڪريو،
٨ ڪلاڪ آفيس وڃو، ٢ ڪلاڪ سيرڪ ۾
ته ٢ ڪلاڪ آئي وئي ۾ پورا. باقي چنتا
ڪرڻ لاءِ وقت ئـي ڪهڙو بچيو اٿو جو
چنتا ڪندا ؟

گھ. : بابا مون توبه ڪئي، تون ته ڪو ٻڌا پڙهيل
وڪيل آهين، ڀلا تنهنجي سوال جو جواب
مان ڏيئي سگهندس ؟

س : واهه واهه، ائين نٿا چئو ته سچ جو جواب
توهان وٽ ڪانهي.

ڪملي : ساوتري! دادا سچ ته چون ٿا، جيئن ڌيئرن
جي چنتا وڌائڻ لاءِ اٿ جوابداري تنهنجي
۾ آهي. تون ئـي پٽ جو موهه نه رکين ها
ته اٿ چنتا کان ته آجي هجين ها نه ؟

س : ائي تون ته ڪا پڙهيل ڇوري آهين، ڀلا
هنن ڇوڪرين کي دنيا ۾ اچڻو هئو ته مت
۾ ته اهائي ايندي نه ؟

(دروازو کڙڪڻ جو آواز)

س : ڏسان ته سهين در تـي ڪير آهي ؟ (در

تون ڪڏهن بيمار ڪانه ٿئين؟ ياد اٿيئي،
ريشما جي دفعي نه تون موت جي منهن
مان بچي آئي هئينءَ؟ پوءِ ائين ڇو ٿيو؟
هيءُ نه پاڻ ۾ ائڊجسٽمينٽ جو سوال آهي
۽ ڏک سک نه شرير جو ڀاڳي ڀائيوار آهي،
اجايو ڏوهه آهي ڇنين ٿي.

ڪوشي : ساوتري سچ چوان، ڪاوڙ نه ڪانه لڳنديءَ؟
تنهنجي ننڍيءَ ڀيڻ نه لــؤ مڙ ٻاجھ ڪئي،
پوءِ انهن جون ڇنيون ڪيئن مليون؟ ڏس
نه هڪبئي تان قربان پيا وڃن! ڪيڏا نه
خوش نظر ايندا آهن!

ڪهه : واهه ڀائي واهه! توهان جهڙو ڪو هن ڪي
سمجهائي، باقي منهنجي هنجي اڳيان دال
ٿي ڪانه ٿي ڳري. مان نه گهر اچڻ وقت
۾ سوچيندو ايندو آهيان ته گهر ۾ گهڙڻ
شرط ساوتريءَ جا سوال منهنجي اڳيان هوندا
نه ڇوڪرين لاءِ ڪو گهر مليو؟ سندس
سوال منهنجي اڳيان هڪ وڪيل مثل هوندا
۽ مان هڪ ڏوهاريءَ جي انداز ۾ ان جا
جواب ڏيندس، ان وقت منهنجو ٽڪ لهڻ
نه لهڻ جي ماڳهين پاڻ وڃيو وڃي.

س : بيو ۾ ڪجهه ڇوٽو الو ڪي اس، توهانکي

ساوڙيءَ کان ڪانٺا وٺي ڏي.”

س : اَمي! ھِن ڪُٽنبي ماڻھُن جو ڏاھپ ليکيءَ لاءِ وڏو واسطو قائل آھي، وڏيءَ نمھن کي ھِنڌو ڏو مليس ۽ ھِن ڪُٽنبي ماڻھُن جي ۽ جڙ ڏاتت کي ھِن اُنھا ڏُڙ ڪانَ لڳن. ڇو ته اساڻي زماني ۾ وڏا دڳا ڏٺن جا پرچي اِھندا ھُئا، اَمي ھيڻڙ مٺائي ڏسو ۽ ڪيتري نه ڏکر کاڌي لڳي پيئي آھي؛ وري منھنجي حالت تہ ڪانئس لِڪل ڪانھي. مان تہ سندس وڏيءَ نمھن جيترو ئي ڏيئي نہ سگھندس، پوءِ اڄاڻو منھنجي نياڻي پيئي لوئجي، اھو تہ مان ئي ڪانہ سھي سگھندس.

ڪوشي : اَئي ڪُٽنبي ماڻُ ڪھڙي؟ جيڪا شاھي ڳڙار ۾ آھي؟ مائي لوبھ، لوبھ، اُنھيءَ سان ڪير ھت اَڪائيندو! وڏي نمھن ويچاري گونگي گانءِ اٿس، ھِن مائي آھي ڇا! اھڙا ظلم ٿي ڪري جو بس، وري ھر ڪا شيءِ رکي تالي اندر، روزمرھ جو سيڌو به ھٿ سان ڏئيس، اسين جي نہ ڪم واري مائيءَ سان اھڙو سلوڪ ڪريون تہ ھوءَ جيڪر ھڪ ڏينھن بہ اسان وٽ ڪانہ ٽڪي، ھِن

ڪولي ٿي) اچو، امي اچو، مس ٿا اسان ٻارن کي ياد ڪريو. اڄ ڀلا رستو ته ڪونه ڀليا آهيو؟

گومي : آئي رستو ڇو ڀلجان؟ رستو ڀلجن منهنجا دشمن. مان ته لهنجي ڪم جي ڳالهه ڪڍي آئي آهيان، ڏسان پيئي ته لون ڌيئرن جي چنتا ۾ ڏينهون ڏينهن پيئي جهرڻ سو سوچيم ته هڪ ڀيج جو ڪم ڪري ونان ته نياڻي وڃي شيهن ڪلهي چڙهي.

س : امي ڀلي آيا، سدا آيا، مان ته توهانکي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي آهيان، مونکي ته هنن ڇوڪرين جي ايتري چنتا آهي جو چوان ته اڄ گهر ملي ته سڀاڻي ٻيو ڏينهن ٿئي.

گومي : سچ ٿي چوين ڀيڻ، جوان ڌيئر گهر ۾ جيترا قدم ڪڍن، مائٽن تي اوترا پاپ چڙهن. ٻڌو هوءَ ڪنڌي ماءُ جو پٽ نانڪ آهي نه؟ ڏاڍو سٺو ڇوڪرو آهي ڇا سهڻو! ڇا ڀ گهڙو! اصل ڀڳوان واندڪائيءَ ۾ ويهي گهڙيو اٿس، لهنجي ڪانتا ۽ نانڪ جي جوڙي ڏسي ماڻهون پيا رس ڪندا، ڪالهه ڪنڌي ماءُ مون وٽ آئي چيائين، ”گومي ڀيڻ جون پيئي مائٽيون ڪرڻ مونکي ته، نانڪ لاءِ

ڇڱو؟ جيڪو هن ميونسپالٽيءَ جي ناڪي
تي آهي؟

گومي : ها، ها، اهو ئي، سهڻو، ٻگهڙو، ڪيڏو نه
وڻندڙ آهي!

ڪملي : اَمي توهان انهيءَ جي ٻاهرين سونهن ڏسي
ساراهه نه ڪريو. انهيءَ جي لڇڻن جي
ڪا جاڻ اٿوَ؟

گومي : ڇو؟ ڇا ٿيو؟ ڇوڪرو ته سٺو آهي.

ڪملي : سٺو وري ڏوڙ آهـــي، سڄو ڏينهن شراب
جي بوتل منهن تي چڙهـــي بيٺي اٿس،
سمگلرن کان فارين جون شيون ڇڏائي، انهن
کي چوريءَ ۾ مدد ڪري، اهو اوگڻ دنيا
۾ ڪو نهي، جو هن ڇوڪري ۾ نه هجي.
ڀلا اُنجي مائٽي چڙهندي هجي ها ته ڪڏهن
ماءُ توهانکي ٿوريئي ڇـــوي ها؟ اهڙي
ڇوڪري لاءِ توکي ساوتريءَ جو گهر ٿي
سجهيو؟ گومي ٻائي ڪن کولـي ٻڌ جاڻ،
ساوتري غريب آهي ته ڇا ٿيو؟ نياڻين جي
ماءُ آهي ته ڇا ٿيو؟ ڌيئرن کي اونداهـي
کوهه ۾ ٿوريئي اڇليندي؟ تـه نياڻيون ته
زندگيءَ ڀر ويٺيون روئن ۽ انهن کـي ڏسي
پاڻ به ويٺي روئي.

شاباس آهي هن ڇوڪريءَ کي ! سس جي
ڪارنامن جي ڳالهه ٻاهر نه ڪڍي ، جڏهن
ڏس نه پيٽي مشڪي . آخر خانداني گهر جي
ڇوڪري آهي !

گومي : اُئي اُدي ، سدائين ڪو ڪنهن ماڻهو ساڳي
هوندي ڇا ؟ نيٺ نه وقت جو چڪر
ڦير ڏيندس نه ؟ مونکي نه ڇپائين جي
ساوڻي ۲۰، ۲۵ هزار ڏيندي نه ته هلندو،
پر ادي ! ڇوڪرو اٿيئي ڇا ، هند سند
گهمين ته به نه ملندئي !

ڪمل : ها ها ، پر اهڙو ڇوڪرو ملندو به ڪٿان !
پر توهان ڪنهن ماڻهو سان پنهنجي ڪميشن
جي ڳاري ۾ ڳالهايو آهي ڪي نه ؟ اٿو ڪٿيئي .
شاديءَ ڪاڻ پوءِ ، ڪم لٿو ۽ ڪٿ وسريو .

گومي : اُئي اُدي ! مان لالچ ڇو ڪريان ؟ منهنجو
ريت نه سڀني کي خبر آهي ته مان هزار
پٺيان ۱۰۰ رپيا وٺندي آهيان پر جو پٺي
نه مهانگائي پئي وڌي ، پر منهنجو ريت
ساڳيو آهي . پر ادي ڪير جي سهج ڪري،
ڪٿي ڪجهه وڌيڪ ڏئي نه منهنجي جهول
جهليل آهي .

ڪمل : توهان ڪنهن ماڻهو جي کهڙي پت لاءِ ڳا

ڪمليءَ جون ڳالهيون ٻڌي ڇانهه مونهنجي
نڙيءَ ڪان هيٺ نٿي ٿي لهي. مونهنجي ڇانهه
توکي مبارڪ مان ته وڃان ٿي.

س : ڪملي هيءَ ڇا ڪيئه؟ اڄڪلهه وڏي سڌيءَ
کي رنجايئه؟ ويچاري گهٽ ۾ گهٽ ٻڙٻڙ ڪار
ته ڪري ٿي، هيءَ ويچاريون ته اسان
نياڻين وارن جي لاءِ سٺو وسيلو آهن.

ڪملي : واهه واهه! هيءَ وسيلو آهن؟ ٻيا پنهنجو
مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن ڏرين مان هڪ
جي ٻيڙي ٻيون ٻوڙين. توکي خبر آهي؟
هيءَ مايون اهڙن ماڻهن لاءِ سٺو وسيلو آهن
جهڙيون ڪنهن ماءُ جي سڌس ڀنت ناڪ،
جيڪي ٻانهن حاصل ڪرڻ لاءِ محتاج
هوندا آهن.

سونيا : ممي! انهي سچ ته چوي ٿي. اسان ڇوڪرين
جي هن سماج ۾ قيمت گهٽائڻ وارا تهوهين
اسانجا مائٽ ئي آهيو. نه ته هنن مائٽين
وارن جي مجال آهي جو هڪ لچ لفنگي
جي اچ ڪٺي اسانجي گهر اچن! هنن ماڻن
کي ڇا هي؟ پنهنجو پيٽ ڀرڻو اٿن ٻيو
مردو نرڳ وڃي يا سرڳ، ان سان سندن
ڪهڙو تعلق. تون ٻڌاءِ جي ڪا ڇوڪري

گومي : پر تون ڇو ٿي وڃڻ ڳالهائين ؟ جڏهن مان توکي
ٿي ماٺي ڪرڻ لاءِ چوان ؟

ڪوشي : پر ساوتريءَ جو جواب اسين ٿا توکي ڏيون،
ڇو ته ساوتريءَ کان وڌيڪ اسين انهيءَ
ڇوڪري کي سڃاڻون. خبر اٿيئي انهيءَ
ڏينهن رستي تي هڪ ڇوڪريءَ سان
مستي ڪيائين ته پادر لاهي اچي ڇوڪريءَ
ڪٽيس اها خبر اٿيئي ؟

گومي : مائي ڇاهي، تون ته ڪا لوڪل اخبار لڳي
پيئي آهين جو اُلا پٽا ڪيڏي ٿي هٿ ۾
ڏين، ماٺي ڪريو ته ڪريو ناٽڪ لاءِ ڪي
ڇوڪريون ڪٺيون ڇا ٣٦٠ ڇوڪريون وٺي
ڏيندي پاڻس ٣٦٠.

ڪملي : اَهي ٣٦٠ ته پر ٣٦٥ وٺي ڏجوس، ٣٦٥. ته
ته ويچارو ٥ ڏينهن ويڳاڻو ٿي گهمندو.

گومي : مائي ناحق تنهنجي گهر آيس، اڄ گهران
نڪرڻ وقت پلي رستو ڪٽي ويئي. سوچيم
سوڻ سٺو ڪانهي، نٽي وڃان. وري چيم
هن نئين زماني ۾ اهي وهم ڪير ٿو رکي،
پر سچ پچ اڄ سوڻ سٺو ڪانه ٿيو. (وڃيٿي)

س : اُمي وڃو ڪيڏانهن ٿا ؟ وهو چانهه ته پيئو.

گومي : (ويهندي) نـ ڙي ! چانهه پيئان ؟ هـن

اسين نه پاڻ ان سان گڏو گڏ گهرو ڪم،
هنر سڀ پڻ ٿا ٻهرو وٺون ۽ وري مائٽن جي
جن جيتري ڏيڻ کي لڳندي اوتري پٽ
کي ٿورائي لڳندي. هو نه سمجهندا آهن
جي مائٽن اسان کي پاليو نه اهو سندن فرض
آهي، پر موت پر پنهنجو فرض پالجي
ويندا آهن.

س : چوري اس ڪر. رڳو اها ڳالهه آهي ڇا ؟
شاديءَ لاءِ ناڻو به نه کپي، پنج پٺين کان
ميڙيا اٿس توهان ڇنڊي لاءِ چار لک ؟

ريشما : ممي! هاڻي اهو وقت بدلجي ويو آهي.
لک گهرڻ واري جي زبان تي سرڪار تالو
هڻي ڇڏيو آهي. هاڻي ڏيتي ليتي گهرڻ
واري کي سرڪاري هٿڪڙيون ٿيون نصيب
ٿين. هاڻي ٻڌاءِ نه باقي اسانجي توکي ڪهڙي
چنتا آهي ؟

س : بابا ڀلي گهرن، پر نياڻين کي ڪجهه ڏان نه
ڏيو نه، مائٽ پنهنجي نڪ کي مر ٿورائي
لائيندا ؟ ڪجهه نه ميڙي چونڊي به هجي
جو ڏاجو به ناهي ۽ شاديءَ تي به خرچ
ڪجي. ڪين خزانو ئي خالي رکجي.

ريشما : ممي! انجي چنتا توکي ڪرڻي ڪانهي.

دکي ٿي ٿئي ته هيءَ مايون انکي ڪو سک.
وٺي ٿيون ڏيڻ؟ اِس ٿوهين مائٽ رڳو
ڌيئرن کي پاڻ تي بار سمجهي پيا
مجبور ٿيو.

گهه : واهه! منهنجون شهزاديون واهه! جاڳو! ۽
توهان اهو پڙهڻ ڪريو ٿا. جيئن اڳئين وقت
۾ شهزادين جو سويمبر ٿيندو هئو ۽ هو
پنهنجو ور پاڻ چونڊينديون هيون، توهين
وري اتهاس جي ورق کي ڦيريو ڇو ٿا.
وچ ۾ اها واڳ ڇوڪرن کي ملي ته هو نه رڳو
ڇوڪرين جي چونڊ ڪندا هئا پر ان سان
گڏ ڏيتي ليتي، استريءَ تي انياءُ سڀ
اختياري محسوس ڪندا هئا، پر اتهاس جو
ورق ڦرڻ سان پلي ته پٽن جي مائٽن کي
چنتا ٿئي ٿي. هاءِ! اسانجي پٽن جو ڇا
ٿيندو؟

س : ٿوهه، توهانکي ته الائي ڇا ٿي ويو آهي؟
ڇوڪرين جي زبان کي لغام ڏيڻ جي بدران
ڪنچيءَ وانگر هلائڻ پيا سيکاريو.

ڪانتا : ڇو ممي! اسين توليون لڳڙيون آهيون؟
ٽوٽي ٻار آهيون؟ ڪمايون ڪونه ٿيون؟
ڇوڪرا ڇا ٿا ڪن؟ رڳو ڪمائين ٿا نه؟

مهرباني ڪري اسان لاءِ اِتي هڪ جاءِ ۽
فرنيچر جو بندوبست ڪري ڇڏيو. هاڻ
وٽ هيءَ ٻي خوشخبري ٻڌ، پاڻ ۽ سونيا
سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي ۽ ٻنهين ڀائرن
ڪمل ۽ سريش لاءِ ڪانتا ۽ رشما جي گهر
ڪئي اٿائين، هاڻي ڇا ته مڃين ٿي ته
وڏاڻا ڪي ۽ ليکا ڪي؟

ڪوشي : ساوتري ٻنهجا ته ڀاڳ کليا اٿيئي! توکي ته
هڪ جي چنتا هئي پر ڀڳوان توکي ڇپر
ڦاڙي ڏنو ۽ ٻن جي هڪي چنتا لاٿائين.
هاڻي جلدي دادا کي ڇئه ته وڃي رضامنديءَ
جي تار ڪري اچين.

ربدو : ٻڌي! توڙي دير اڳ ته توهان اهو حق
اسانکي ڏنو. توهان ڊيڄن ڪان ته ٻچو.

گهه : اڙي ها! مان ته خوشيءَ ۾ ڀلجي ويس.
ڪيئن ڀٽ منظور آهي ته توهان کي
اهو رشتو؟

(ٻنهي جو ڪنڌ هيٺ)

س : ڏنو نه؟ ته ٻئي نيٺ منهنجون آهن. نيٺ ته
مرڀادا ۾ رهنديون، مان هنن جي ماءُ آهيان
۽ توهانکي چوان ٿي، ته هڪدم وڃي
رضامنديءَ جي تار ڪري اچو. ٻـــر ٻڌو،

لوڪو اسانجي ٻانديءَ کي ڪچو سمجهيو
آهي ڇا؟ هـــن ته اسانجي جنم کان وٺي
اسانجي شاديءَ جي پوڄا ۾ ڀڄنا پرٿ شروع
ڪيا آهـــن، ۽ وري اسان ڇڏيءَ جـون
ڀگهارون ٻـه تـه هـر مهني ٻڌڪ ۾ ٽيون
ٻ پاڙت ٽين، اڃان به ڪجهه آهي.

(پوسٽ مئن جو آواز)

رامو : ٻانڌي! ڏسو، آمريڪا مان اشوڪ جي چٺي آئي آهي.

س : اشوڪ جي چٺي؟ عمر وڏي اٿس، هيڏنهن اڃان انهيءَ جـي ڳالهه ڪئيسين، پـڙهه ته سهين ڇـــا لـکيو اٿس؟ ڪٿي سڳنيءَ تـه ڪانه لـکائي اٿس؟

گهه : هـان وٺ، ڏس، اشـوڪ چٺيءَ سان گـڏ مهنجي نالـي چٺي لـکـن جـــو چيڪ بـه موڪليو آهي.

س : ڇو چار لـک وري ڇاجي لاءِ؟

گهه : ساولري نهنجي ساهيڙي سڳني مري ويئي.

س : ڇا! اشوڪ اهو لـکيو آهي؟

گهه : ها اشوڪ لـکيو آهي ممي ۽ دادا کـان موءِ اسانجي آمريڪا ۾ دل نٿي لڳي ان ڪري هندستان ۾ اچي وسڻ ٿا چاهيون تـــوهان

تار ڪري اتان مٽائي وٺندا اچو، مدهجون
ساهيڙيون وڃيون آهن ته واٽ مٿو ڪن.

ڪملي : ڏنئه ساوتري! ليکه ڪـي ڪير ميٽه وجهي
تو سگهي. مالڪ ته سڀ ٺاهي ڇڏيو آهي،
۽ اسين ٻندا ٻي ايمان آهيون.

گهه : ساوتري! تنهن ڪان ته هلو ته سڀ گڏ هلي
تا اڄ هوٽل ۾ پارٽي ڪريون.

ڇوڪريون: او ٻڌي "ٻو آر گريٽ"

—: سماپت :—

# لٽر سان ٻجي چڪر

اداڪار:

سيٺ ڌرمداس : گهر جو ڌڻي ۽ ٻيڙيءَ جو مالڪ
چتري : ڌرمداس جي زال
ڪرمچند : منيم
جمڙو : ڌرمداس جو وڏو پٽ
ٻچو : ڌرمداس جو ننڍو پٽ
منيرام : ميران جو پيءُ
ميران : جمڙي جي زال (ڪنوار)
دولترام : هڪ اميدوار
ٺاڪرام : پوليس انسپيڪٽر
جڳهه : هڪ اوطاق جو ڪمرو سادو سينگاريل

سيٺ : (پند پون و پنو جاچي) ڏٺءِ نه منيم جا ڪم! هن صفحي ۾ به ٽن پئسن جو گهوٽالو ڪيو اٿائين، اهو صفحو خالي ڪونهي جنهن ۾ ڪو گهوٽالو نه هجي. اصل پگهار ٿي مفت جي

ناٽڪ - ٣

# لٽر سان ٻڌي ڇڪر

ڪروڙپتي سيٺ ڏرمداس پنهنجن ٻارن ۽ گهر کي تمام ڪٽنبوسيءَ سان ٿو هلائي. کيس ٻه پٽ جمڙو ۽ ٻيو آهن، سندس زال جو نالو چتري آهي. وڏي پٽ جمڙي جو پيار ميران سان آهي جيڪا هڪ ڪلارڪ جي وڏي ڌيءَ آهي، کيس اڃان به ٦ ڀيڻر آهن. جمڙو سوچي ٿو ته پاڻ هيءَ شادي ڪنهن به حالت ۾ ٿيڻ نه ڏيندو ان ڪري هو پنهنجي دل جو حال ماءُ سان سلي ٿو ماڻس کيس دلاسو ڏئي ٿي ۽ انسپيڪٽر رامديال سان گڏجي هڪ ناٽڪ ٿا ڪن جنهن ۾ سيٺ جو منيم ڪرمچند به شامل ٿو ٿئي.

جمڙو سول مئريج ڪري ٿو اڇي ۽ اميدوارن سان سيٺ جي ڪيل ڳالهه ٻولهه. رامديال ٽيپ ٿو ڪري ۽ سيٺ کي ڊيڄاري ٿو ته هيءَ ڪئسيٽ مان پوليس ۾ ڏيئي توکي گرفتار ڪرائيندس نه ته توُن جمڙي ۽ ميران کي آشيرواد ڏي.

آخرڪار جوڙس ثابت ڪري ٿي ڏيکاريس ته توُن نه ٻڪو آهين پر تنهنجا ٻار توکان به پڪا آهن جو شادي تي صرف ١٨ روپيه دستاويز ۽ ٽڪسيءَ جا خرچ ڪري آيا.

ب : بابا! ٽي رپيا ڪهڙن.

س : ٽي رپيا؟ ڇورا ٽنگ جيڏو ڇورو ۽ ٽي رپيا؟ ڇوڪ ۾ ڪا اڳڪي ڪانه ٽي ٽڪيئي؟ اسين ننڍي هوندي هڪ پائي به پاڻ گڏ جي خرچيندا هئاسين. خبر اٿيئي هڪ رپئي ۾ پائيون گهٽيون؟ ١٩٢ ۽ ٣ رپين ۾ ٥٧٦. هاڻي ڀلا ٻڌاءِ ايڏيون پائيون هڪ ڇٽو خرچيندين ڇا؟ رئيس جو اولاد آهين؟

ب : بابا خرچيندس ڪانه، وار سيٽ ڪرائيندس.

س : ڇا چيئه؟ وارن جو سيٽ ڪرڻي؟ ڇورا هيڏا وڏا وار اٿيئي انهن کي ڪٽرائي سان ڪٽي سيٽ ڪاهه نه؟ ٣ رپين ۾ ٽو ٻيو سيٽ وٺين؟ ڇورا پڪائي سکه پڪائي، رڳو چئين نه بابي ڪان پئسا قربان، ٽجوڙي جي چابي نه تو وٽ هجي ها نه اڄ پاڻ نه ڪنگال هجين ها ۽ پٺين کي ۽ ڪنگال ڪري ڇڏين ها. هي نه وري ۾ پڳوان مونکي ڪفايت ۽ ڪفايت جي عادت ڏني آهي جو سڀ سکي آهيون.

ب : بابا! توهين سمجهو، ٻيو سيٽ ٽئو ڇوان مونکي وار ڪٽائڻا آهن.

س : نه ڇورا! ان لاءِ سڀ سارا ٽي رپيه!!

تون ڪاڻي، وري حڪم نه ڏيندس! ڏينهن
۾ پاڻيءَ کي ٻه ٽي دفعا ڇانهه ٻه ڪپهس ۽
هڪ جوڙي ٻيڙين جي ٻه هن سال ڏياريءَ
تي ڇپوماس نه گڏيل جون ڇهون ڪٽي تا
راشن جي هفتي جون نهرايون، پر پاڻي ڇوي
سائين سيٺ ڏرمداس جي پيڙهيءَ تي راشن
جي هفتي جون ڇهون ڪيئن سونهنديون!
هاڻي ٻڇيس نه جڻ توکي هفتو پاڻڻ لاءِ تو
ڇوان؟ لوڏو نه اهڙو ائس جڻ لڪ پيٽيءَ ۾
ٻي سب اوڏر ائس، پلا اها ڪفايت ۽
ڪفايت جي عادت ٻه ڪن ورلن ۾ هوندي
آهي نه؟ سچ جي مون وانگيان ذ پڪائي
ڪري هلي ها نه اڄ پاڻ ٻه سيٺ ڪرمچند
هجي ها، پر هاڻي نه ڪيس منيم ڪرمون
ٿي تو ڇوٽو ٻوي.

(سيٺ جو پٽ اچو اچي ٿو)

ب : ٻاٻا، او ٻاٻا!

س : ڇورا ڇاهي؟ وري ٽون ڪو گهوٽالو
ڪرائيندين. اڳيئي ڪرمون جي ڪري وڃو
پنهنجا ڪرم ڪٽيان ٽه وري وچ ۾ تون
ڳالهائڻ آيو آهين. ها، ڇڻ ڇا ٿيو آهي
پٺهين ڪي؟

ڏني، انکري ١٢ ڏينهن ماني نه کارائيندءِ ۽ مٿان ٻارهين جي ٻڪر نه ڏيندءِ. ڇورا پنهنجو دماغ هلاءِ ۽ ٻڌائي سگهه. ها، ٻلا ٻڌاءِ جمڙو آيو کي نه؟

ب : ٻابا، ڀانئو ته اڃان ڪونه آيو آهي.

س : ڇورو الائي ڪٿي وڃي ٿو وهي؟ آفيس جو وقت ساڍي ڏهين لائين، پر ساڍي ستين لائين پيدا ٿي ڪونهي، ڇڱي ڇڏيو هڱو مانس ته اڄ لوکي چوکريءَ وارا ڏسڻ ايندا، پر ڏالپر آهي سو پرواهه. ٿي ڪانه انس. مديم! اڄ الائي ڇو اڇڻ ۾ دير لائي آهي؟ الائي چوکريءَ وارا ڦري ته ڪونه ويا؟ خبر ٿي ڪانهي.

مديم : هري اوم، سائين! هري اوم ڇڱو.

س : اڙي مديم! عمر وڏي اٿيئي. هيڏڱر اڃان توکي ياد ڪيم ۽ اچي پرگهٽ ٿئين. مان ته صبوح کان تنهنجي لاءِ در ۾ اکيون پائي وينو نهاريان، جڻ مان مديم آهيان ۽ تون سيٺ ڏرمداس.

مديم : سائين اهڙا مهنجا ڪرم ڪٿي آهن، جي هجن ها ته ٻيو ٻاقي کپيئي ڇا؟ توهان جو ڪالهه ڪمن جي هيڏي وڏي لسٽ ڏني،

ب : ها بابا، سيءَ ڪرائڻ جا ٣ رپيا لڳندا آهن.

س : پر ٿورهن جا وار ته اڃان ننڍا آهن، ٿورا وڌڻ ڏي نه ته ٿڌ ۾ نوڙهه پيئي ٿرندءِ. انڪري پلي ته سيارو وڃي پوءِ وار ڪٽائج، پر هڪ ڳالهه ته ٻڌ، پٽ هر ڳالهه ۾ پڪائي ڪرڻ کپي خبر اٿيئي، ٣ رپيه ڪمائڻ لاءِ ڪيتري نه محنت ٿي ڪرڻي پوي!

ب : چڱو بابا، ٢ رپيا ٿي ڏيو ته سادا وار ٿو ڪٽائي اچان.

س : ڇورا ڪٽائيندين ته وري وڌي ويندءِ.

ب : پلا هڪ روپيه ڏيو ته نوڙهو ٿي اچان پوءِ ته وارن وڌڻ ۾ به ٽائيم لڳندو.

س : ڇورا هيڏو وڏو سمجهايانءِ، پر اصل اونڌي گهڙي جي پاٽيءَ مثل آهين، جي نوڙهو ٿيڻو ٿي اٿيئي ته ٿورو عقل هلاءِ ته سولو طريقو سمجهه ۾ ايندءِ. جيئن نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي. ڏس روز ڏيهان رکه ته شهر ۾ ڪير ختي مري ويو آهي. انڪي عزت ڏيڻ لاءِ ضرور سڀ نوڙها ٿيندا تون به وڃي انهن سان لائين ۾ ويهي رهه، مفت ۾ وار به لهندءِ ۽ گهر وارا سمجهندا ته هيءُ شخص اسانجي گهر جي پاليءَ کي عزت ٿو

س : ها، ها ڪن خوشامد، ڪم جـو ڦاٿو اٿـن،
اڙي بيوقوف! ڇا مان پائي پائي انهن جي
ڌيئرن کي اُڪلائڻ لاءِ ٿو جمع ڪريـان؟
پاڻ ڇو نٿا ڪمائي ڪري بچائين؟ جـو ٻين
جي اڳيان ٿا هٿ ٽنگين؟ اڙي مديم تون
ته ٻڌي ڇڏ، جي توکي به ڌيءُ هجي ته
هيڏڙو ڪان ٿي ڪمائي ڪرڻ سگهين ته پوءِ
پڇتائڻو پوندءِ.

مديم : سائين اهو توهان اڳ چئو ها ته.

س : ڇو؟ هاڻي ته گهڙي دير آهي؟ هاڻي ته
بچائي سگهين ٿو.

مديم : سائين مٺين مهني منهنجي ته ڌيءُ جـي
شادي آهي سو حال فـي الحال ٧-٨ هزار
مونکي ته ڏيڻا پوندا.

س : آهي ڇا؟ سڀني جون اکيون اچي منهنجي
ٽجوڙيءَ ۾ اٽڪيون آهن، هيڏانهن هـيءُ
ڇوڪرو وار سيٽ ڪرائـي، مٿو هڻي هڻي،
مس مس ان کي سمجهايم تـه وري ماسٽر
ٽيوشن جي طلب ڪئي، ته نراج ڌيءُ جـي
شادي ڪرائڻ لاءِ پنج هزار گهريا آهـن؛
تون وري انهن جو ته ڳرو ٧-٨ هزار گهرڻ ۾
اٽڪ ٿي ڪانه ٿي ٿيئي؟

اُنهن ٻنهين نه مهيني جي ٽي ڳسي وڃي
۽ وري ڪم پورا ڪرڻ کان سواءِ اچان نه
ڪيئن ؟

س : ( ياد ڪندي ) اڙي ! ها، ها مون کان ته
وسري ويو. ها، ڀلا ٻهرين ٻڌاءِ ٻيوءَ جي
ماستر ڇا چيو ؟

مهيم : سائين ماستر صاحب چيو، "ٻيو ڏاڍو ڪچو
آهي. ٽيوشن ڏياريوس، ته ته هيءُ ڇوٽون
سال ۾ پنجين درجي ۾ ٽي ويٺو هوندو."

س : ته اهو ماستر ٽيوشن جا گهڻا پئسا وٺندو ؟

مهيم : سائين ٢٥ روپيا.

س : ڇا ؟ ٢٥ روپيا. معنيٰ هيءُ سال پورو ٿيڻ
۾ اڃان ٨ مهينا پيا آهن ته ٢٠٠ روپيا ڇوري
جي ٽيوشن تي ڏيان ؟ ته ته فيل ٿئي ته ڀلي
وڃي ٿئي، ويٺو ماستر جو مٿو کائي.
سرڪاري اسڪول آهي، مونکي فـي
ٿوروئي ڀرڻي پوي، جو سوچيان. ها،
ڀلا، اوڏر گهڻي اوڳاڙ ٿئي ؟

مهيم : سائين ڏنراج جي ڌيءُ جي شادي آهي،
سو پاڻ ٥ هزار روپيا گهريا اٿس. چوي ٿو
ته سيٺ جهڙو دورانديش ماڻهو ٻيا ڌيءُ جي
ڪارج لاءِ نه نه ڪندو.

رهندو آهي ۽ وري منهنجي مٿي جو وٽ
ڪو گهٽ آهي ڇا؟ سچ ٿو چوان سائين
جي مان نه هجان ها ته توهانجو ڏندو ٿي
چوپٽ هجي ها، مان وقت ڏٺي آيو
آهيان اجهي اچڻ وارا ٿي هوندا.

(دروازي تي آواز)

س : اڙي ڪرمون! آهستي ڳالهاءِ. ڏس در تي
ڪير آهي؟ منهنجا ٽيڻ وارا سيڻ ته ڪونه
اچي ويا؟

(مريم در کولي ٿو)

مريم : اچو سائين، اچو، وهو، وهو، ته مان سيٺ
کي توهانجي اچڻ جي خبر وڃي ٿو ڏيان ته
توهان پهچي ويا آهيو. سائين! سچ پچ
توهانجا سيڻ پهچي ويا اٿو.

س : اڙي چريا! پوءِ ته اندر وٺي اچين نه، ٻاهر
ڇو وهاريو اٿئين؟ نيٺ به ته منهنجي
جمڙي جا ساهرا آهن. پتو ڪانه اٿئي ته
”سيٺن جا ڳالهائين نيڻ“ وڃ جلد ڪر ڪين
با عزت وٺي اچ اندر.

مريم : سائين، ٻه هو ته ٽي ڄڻا آهن. تن، تن کي
گڏ ڪيئن وٺي اچان؟

س : ته ڇا منهنجي جمڙي کي ٽي ڇوڪرا هون

منيم : سائين سڀ ڏينهن تو توهانجي چاڪريءَ ۾ گذاريا. ڪرڪيٽ جي ٻال وانگر ڪڏهن هتي ته ڪڏهن هتي؛ وري سڀئي ملڪيت جو حساب ڪتاب رکي سنڀالي ويٺو آهيان، منهنجو ته توهانجي ملڪيت تي پورو پورو حق هئڻ گهرجي، هيءَ ملڪيت ميڙڻ ۾ منهنجو ئي ته توهانکي ساٿ آهي، پر توهان وٽ منهنجو قدر هجي تڏهن نه؟ پگهار به مهني جي سوا سؤ، جڻ ٽڪاٽي ۾ ڪٽاهه جا ٽا پئسا ڏيو.

س : ڇا؟ سوا سؤ روپيه تون ٽڪاٽي جي لائق تو سمجهين؟ اڙي اڄڪلهه ٽڪاٽي ڪـي ليکي ئي ڪير ٿو؟ ها، ٽڪاٽي ۾ ماڻهو پئسا تڏهن وجهندا آهن جڏهن اهي دڪان واري وٽ به نه هلن، ٻئنڪ ۾ به نه. مڙجن تڏهن لاچار گرو ٻائي جي اڳيان رکي، انهيءَ ڪان ڏهو ڏا طلبڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، چڱو هاڻي سڀ ڳالهيون ڇڏ ۽ ٻڌاءِ ته ڇوڙي جي مائٽيءَ جو ڇا ٿيو؟

منيم : سائين ڪرمون ڪڏهن ڪم پورو ڪرڻ ڪان سواءِ واپس آيو آهي؟ هنجو جيسين ڪم نه ٿئي ليسين ڏرڙو ماري اتي ئي ويهي

مديرام : سائين سڪيلڌي نه ڪانهي هنجي پٺيان ڇهه ڇوڪريون ٻيون به آهن.

س : ڇا ڇيو؟ ڇهه ٻيون به؟ ته پٽ گهڻا اٿو؟

مديرام : سائين اهڙو نصيب ڪٿي آهي؟ جي پٽ هجي ها ته سست ڏ ٻڙ ٽور ٻٿي جٽيان ها.

س : توهين ڏندو ڪهڙو ڪندا آهيو؟

مديرام : سائين سرڪاري نوڪري آهي، ڏندو ته ڪانهي.

س : توهانجي ڇوڪري ڇا پڙهيل آهي؟

مديرام : سائين مئٽرڪ پاس آهي، سهڻي، سلڇڻي، مطلب ته جهڙي توهانجي جمڙي کي گهرجي اهڙي آهي.

س : چڱو، هڪ ڳالهه ته پوري ٿي. هاڻي اچو ٻي ڳالهه تي.

مديرام : ٻي ڳالهه؟ ٻي ڳالهه وري ڪهڙي؟ توهان ته هڪ پٽ جي ئي شادي ڪرائيندا نه؟

س : ها، ها هڪ جي، پر دنياداريءَ جو به ته خيال رکڻو ٿو پوي نه؟ منهنجو هيڏو وڏو ڪاروبار ۽ هيتري ملڪيت ته پڇاڙيءَ جو جمڙي ۽ اڪوءَ کي ئي ملندي نه؟ پر هن وقت مان ۽ شان ته مونکي ڪهڙي نه؟ مان ته دنيا کي ڇٽي سگهان ته منهنجي پٽ

وٺي ڏيندين ڇا؟ ٻڌو ڪانه ائين ”ٻن
ڳالهين جو ور، تنهنجو مساڻن ۾ گهر“ سو تون
وري ٿي ڳالهين ٿو وٺي ڏيندس.

منيم : سائين ائين ڪانهي مون تنهي سان جهڙي
صاحب جي اهڙي ته ساراهه ڪئي جو
ٿيئي لڳا وڙهڻ، هو چوي مان ٻنهنجي
ڏيئي ڏيندس، هو چوي مان، مون چيو
مان، اڇو منهنجي سيٺ وٽ ٻوءِ جنهنجي
ڏيئي سيٺ کي وٺي ان سان سودو ٻڪو،
ڪيئن سائين عقل جو ڪم ڪيم نه؟ اٿو
ٿيئي گراهڪ سٺيا، توهان به ڏاهـي ٿڪي
سودو ڪجو.

س : تنهنجي معنيٰ، تون ٻه هاڻي مون وانگر
ٻڪو ۽ سياڻو ٿي ويو آهين. آخر هيڏا سال
جو گڏ گهاريا اٿيئي ته نيٺ عقل ايندءِ نه؟
چڱو هاڻي هڪ ڪي مون ڏي موڪل،
ته سندن انڌرو ٻو وڻان.

منيم : اڇو سائين منيرام، سيٺ سڏ ٿو ڪري.

منيرام : سائين هري اوم.

س : اڇو اڇو وهو، مون سان منيم ڳالهه ڪئي
ته توهان ٻنهنجي سڪيلڌيءَ جو رشتو
منهنجي جهڙي ال ڪڍي آيا آهيو؟

دولترام: سائين ايشور جي مهرباني آهي، پر ڪڪا
اٺ ۽ هڪ ڪڪي.

س: ها ها، توهان سياڻا نڪتا، ڌيءَ نه ڄڻيو
پر انهيءَ سان ڏنڊ به پٽ نه ڄڻيو. ماڻهو
هميشه پڪاڻي سگهي، جيئن توهان ۽ مون
ٻارن ڄڻڻ ۾ نه پڪائي ڪئي آهي. پر اڄ
اهڙيون ڳالهيون سگهي ڪير ٿو! هرڪو چوي
اولاد نه ملڪيت آهي ۽ وڃن ٻارن مٿان ٻار
ڄڻيندا، ها نه توهانجي سگهندي ڇا
پڙهيل آهي؟

دولترام: سائين مئٽرڪ جو امتحان ٽي دفعا ڏنو اٿين،
پر پيهر ڪين ٿا ڏکيا ۽ ڪورس ڪان ٻاهر
سو ويچاري فيل ٿيو پوي، پر فڪر نه ڪريو
ستن دفعن ۾ هڪ سبجيڪٽ ڪري
پاس ضرور ٿيندي.

س: پلا سهڻي آهي؟ سلائي ڄاڻي؟ رڌڻ
پچائڻ ڄاڻي؟

دولترام: اهو نه سڀ ڄاڻي، ڏاجو نه جيڪو چوندا
سو ڏيندس پر ان سان گڏ هڪ عرض
ڪندس ته مهنجي ڌيءَ کي چشمي پائڻ
جو ڏاڍو شوق آهي، رات ڏينهن پيو
هوندو اٿس، اهو نه لهرائجوس.

کي ھيترا ھزار مليا.

منيرام : سائين پئسو نہ آھي ھٿ جي ميل، انسان نہ انسان ٿي نہ ٿيندو آھي نہ؟ سيٺن جا نيڻ ڳالھائيندا آھن. باقي پئسن جي توھان وٽ کھڙي کمي آھي؟

س : نہ ڇا تنھنجون ھينئر ٿي منھنجي ملڪيت ۾ اکيون آھن؟ تون نہ مون کان ھڪو ٿو ڏسجين. پنھنجو راشن ھڪائڻ لاءِ مفت ۾ پنھنجي ڏيءُ ٿو جمڙي کي ڏين؟ ۽ وري لڳي ٿو نہ منھنجي ملڪيت جي زور تي ٿي ڇھہ چوڪريون ٻيون نہ اڪلائڻ جو ويچار اٿيئي؟ اڙي او منيم! ھنڪي ڇٽيس نہ اسانکي اھو رشتو منظور ڪونھي. اڙي ڪرمون! تو نہ ڇيو نہ سٺيا گراھڪ ونـي آيو آھيان، ۽ ھيءُ نہ ڪنگال نڪتو، الائي ٻيا کھڙا ھوندا؟ ھل ٻئي ڪي سڏ ڪر نہ ڏسان کو ڪڙ ليل نڪري.

دولترام : سائين رام ٿي رام.

س : رام رام، اچو اچو، ڀلي آيا، ھا نہ سائين توھان ڇا ڪندا آھيو؟

دولترام : سيٺ صاحب رنڪيءَ جو دوڪان اٿم.

س : گھر ۾ گھڻا ڀاتي آھيو؟

ٽانڪرام : ها سائين، بلڪل چڱيءَ طرح ۽ مونکي
سڀ منظور آهن.

س : ڀلا ڇوڪري ؟

ٽانڪرام : ڇوڪري به توهانکي پسند ايندي.

س : اڙي مڏيم! اندر وڃ ڏس ڇمڙو آيو ڪي
نه ؟ ۽ ها، هن صاحب لاءِ چانهه ٺاهي نه
ڪٽي اچ. ها سائين، نه ڀڳوان اسان کي
سڀ ڪجهه ڏنو آهي، دولت جو درياهه
وهي پيو، پر اڄڪلهه جي رواجن کي به نه
خيال ۾ رکڻو ٿو پوي نه. جيئن پٽ کي
شاندار گهر مان پرڻائجي، سٺي ڪنوار ونجي،
ڪوٺ ڏيءَ جو پيءُ پنهنجي نڪ کي مر
نه لائيندو ٿي ڪانه. توهانکي به نه پنهنجي
عزت پياري آهي نه؟ ڏسو نه سٺي ڏيٺي
ليٺي ڏيڻ سان سماج ۾ ڪيترو نه شان وڌي
ٿو وڃي. ڇوڪري نه ضرور سٺي نموني
سينگاري ڏيندا؟ ڇمڙي لاءِ وڏيءَ جو
وڳو توهان نه ٺهرائجو جو ڇمڙو هلڪو سلڪو
ڪمڙو نه پائي ٿي ڪانه، پنهنجي پسنديءَ
ٿي ٺهرائيندو. انجا ٢ هزار روڪڙا ڏيڻي
ڇڏجو، گهوٽ ماءُ به گهڙيءَ جو وڳو
پنهنجي پسنديءَ سان ٺهرائيندي، انجو به

س : اهو ڇشمو پاڻيءَ جو وري ڪهڙو مرض آهي؟

ٺاڪرام: (پاهران ئي) سائين هنجي ڌيءَ ٿيندي
انو ٿيندي.

س : ڇا؟ ٿيندي؟ اڙي منهنجو ڇمڙو آهي
ڇهڙو هيرو ۽ مان ڪيس ڪنوار ونيءَ ڏيان
ٿيندي! سنو ٿيو جو پهريان پڌايو ته منهنجي
پٽ سان اصل ظلم ٿي وڃي ها. توهان
وڃي سگهو ٿا. مريم! او مريم! اچ ڪهڙي
منحوس ڏينهن تي توکي ڇمڙي جي مائٽي
لاءِ موڪليم جو الائي ڪهڙا ڪهڙا اميدوار
گهليا آهن؟ هڪڙو ڪنگال ٻيو ٻئي
جي ڌيءَ اپاهج.

مريم : ٺيڪ آهي سائين، پر هي ٽيون اميدوار
ضرور توهانکي خوش ڪندو.

س : چڱو، چڱو جلد سڏ ڪر انهيءَ کي، هتي
ٻه ڪلاڪ منهنجو ڏندو ٻه جدا ڪوٺي ٿيو ۽
توکي ٻه ٻن ڪلاڪن جي پگهار مفت ۾
ملندي.

ٺاڪرام: سائين ٽيري ٿو پوانو.

س : اڙي بابا! ٽرس، پهريان سگهو ته ڳنڍيو ڏي،
پهريان ئي ٿو پيري ٽوين. پلا توهان اسانجا
شرط پڌا پئي؟

اڄڪلهه جو رواج آهي ته جي ڇوڪرو
ڇوڪريءَ کي مڃي پاڻي ته ڇوڪري ۽
ڇوڪري کي پاڻيندي آهي. توهانجي ڌيءَ
سيٺ ڌرمداس جي ننهن نيندي انگري
سنڌس زيور ۽ گهٽ ته هٽڙ ڪپڙن. گهٽ ۾
گهٽ ١٠ ڇوڙا، ٣ ڳچيءَ جا ڳهه ۽ ٣ سيٽ
ڪنن جا ٺهڻ ۾ هڪ ته ١١-١١ هيرن جون
ڦليون ضرور هجن پاڻي مهنجي جمڙي
جي چپن ٽوري ٽلهيري ٺهرانجو چيو ته سڀهي
چپن روز روز ٺٽيو پوي. ها پڳ سڀي
اچي وڃو ڏاجي لاءِ، باقي جي توهانکي
ڌيءَ کي فرج، ني. وي ۽ ڪيمت جو
شوق هجي ته پاڻ ڏجوس. مهنجو هڪ
ڪمرو خالي پيو آهي ان ۾ رکي ڏيندو
سانس. (کلندي) سائين مهنجي گهرواري
وڃاري آهي سادي سودي، اها ننڍن شڻن
مان ڇا ڄاڻي ؟

مڌم : سائين چانهه اچي وئي، گرم گرم چانهه
جي چسڪي هڻو ته تازا توانا ٿيو.

(جمڙي جو اچڻ)

جمڙو : بابا پيري ٿو پوانڻ، آسيسا ڏيو.

هزار روپيہ روڪڙا ڏيئي ڇڏ جو نيٺ ڀريون
پٽ تي پڌرائي نہ هنکي ہــ. نہ ڪا آش
هوندي نہ ؟ (ڪلمدي) سائين هڪ ڳالهہ
توهانکي چوندس، جو سڪا آهي د ڪا، اها
پوري ڪرڻ گهرجي. جمڙو جڏهن نئيو
هئو، تڏهن مون سڪا ڪئي هئي نہ جمڙي
جي شاديءَ لي مان سندس ساهرن کان
فل سوٽ وٺي پائيندس، سو اهو ہ ڌيان
رکجو. هونءَ نہ مونکي اهي فضول خرچ
اصل ڪونہ وڻن، پر شيءِ ڪم چڱيءَ طرح
ٿئي، ان ڪري اهو سڀ ڪرڻو ئي پوندو.

ٺاڪرام: ها ها، اهو نہ ٺيڪ آهي پر نيٺ اهو ٿہ
طئہ ڪريو تہ توهين منهنجي ڪڪيءَ لاءِ
ڪهڙا زيور ٺهرائيندا ۽ مان ڪهڙا ٺهرايان ؟
توهين گهڻيون ساڙهيون ۽ ٻريون ٺهرائيندا
۽ مان گهڻيون ٺهرايان ؟

س : هيءَ توهين وري ڪهڙيون ڳالهيون پيا
ڪريو؟ ڌيءَ کي ڏاجو نہ ٻيءَ وٽان ملندو
آهي نہ ڪ ساهرن وٽان. جيڪو ڪجهہ نہ
توهانجي ڌيءَ کي پائڻو آهي، اهو سڀ
توهانکي ئي ٺاهڻو آهي. ها، باقي اسين
ڪدوار کي منڍي ضرور پائڻ ايندا سين سو

سچيءَ سان پيار هئو، پر جيڪو توهانجي
ملڪيت جي ٻار هيٺ دٻيل هئڻ ڪري
توهان سان ان پيار جو اظهار نہ ڪري
سگهيو، جو ميران هڪ غريب ملازم جي
ڌيءَ آهي. اهڙو ڌيءَ جو پيءُ ڀلا توهان
جي هيڏي فرمائش ڪيئن پوري ڪري
سگهي ها! ۽ هيءَ شادي سڌي نموني ۾
ٿي ئي ڪانہ سگهي ها. صرف توهانجي
ڪري. جو نہ چوڻي آهي تہ "گيهہ سڌيءَ
آڱر سان نہ نڪري تہ آڱر ٽيڙي ڪرڻ
گهرجي" سو هن ويچاري شادي تہ ڪئي
پر حالت کي سنڀالڻ لاءِ مونکي پاڻ سان
وٺي آيو ۽ اسانکي، توهانکي راضي ڪرڻ
لاءِ هيءَ سڄو ناٽڪ ڪرڻو پيو، هاڻي هن
ٽيپ پر توهانجو هرڪو آواز ڀريل آهي،
جيڪڏهن توهان جمڙي ۽ ميران کي سڌي
نموني سوڪار نہ ڪندا تہ لاچار مونکي
توهانجي خلاف قانوني قدم کڻڻو پوندو.

س : پر مون جمڙي کي پالڻ ۽ پاڙهڻ تي هيڏو خرچ ڪيو!!

ا : تہ ڇا ميران کي ماڻهن ڪانہ پاليو ۽ پاڙهيو؟

س : ڇٽ پٽ، ڇٽ. (ڪلهندي) ڏنو ساٿين! منهنجو پٽ، ڪهڙو نه سشيل آهي؟ صبح جو آفيس وڃڻ وقت نه پيري پئي وڃي؛ شام جو گهر موٽي نه نه پيري پوي. هڪڙا ڇوڪرا نه اڄ جي وقت ۾ ڳوليا ڪونه ٿا ملن، ۾ پٽ هيءَ ڇوڪر ڪير آهي؟

جمڙو : بابا مان شادي ڪري آيو آهيان. (سول مئرج) هان ونو انجو سرٽيفڪيٽ.

س : ڇورا ڇا چيئه شادي ڪري آئين؟ نه پڇهين کي خبر نه ماڻهين کي، نه ڪجهه پڇيئه نه ٻڌايئه، هيءَ توکي ڇا ٿي وئو؟ تون ضرور مونسان مسٽي ٿو ڪرين. ڪنهن ناٽڪ جي ائڪٽنگ نه ڪان ٿو ڪرين؟

جمڙو : نه بابا، مون سچ پچ شادي ڪئي آهي؛ هيءَ توهانجي سامهون منهنجو سودو ڪندڙ دولترام نه ۾ انسپيڪٽر رامديال آهي.

س : ڇا! انسپيڪٽر رامديال؟

ا : ها سيٺ صاحب توهان سچ سمجهيو آهي. اڄ اسان سڀني گڏجي توهانکي ناٽڪ ٿي ڏيکاريو آهي؛ هيءَ ناٽڪ جي آخرين سين آهي، توهانجي جمڙي جو ميرام جي

ان ڪري هرڪو مائٽ چاهي ٿو ته ڪيس
پٽ ڀلي ڪيترا به هجن پر ڌيئر نه هجن،
اهڙي آس ۾ منيرام به هئو پر سندس قسمت
۾ شايد پٽ جو سک نه هئو.

س : (محسوس ڪندي) اڄ پٽ ميران اڄ ته مان
توکي آسيس ڏيان. توکي پائي مان فخر
سان پنهنجو منهن مٿي ڪندس ته منهنجي
ڌيءَ ميران ڪيتري نه سشيل ۽ سڀاڳي
آهي. ڀڳوان مونکي پنهنجي ڌيءَ ڪانه
ڏني پر لڪشمي ڏنائين، تون ٿي ته
منهنجي سچي ڌيءَ آهين. (زال کي سڏ
ڪندي) چتري! او چتري!! ڏس تنهنجو
لاڏلو شادي ڪري آيو آهي، اڄ ته توکي
تنهنجي نهن ڏيکاريان.

چتري : مون ته اڳ ئي ڏٺي آهي مان ته هن سان
ڪورٽ ۾ وئي هئس، مان ٿي ته منٿ
ڪري انسپيڪٽر صاحب کي توهان سان
ٻيهر ملاءِ وٺي آئس نه ته منهنجا پٽڙا ۽ مان
ڪو توهان سان بچي سگهون ها ڇا؟ رڳو
ٻڪائي ڪريو، ٻڪائي ڪريو. انسپيڪٽر
صاحب خبر اٿو پنهنجي شاديءَ ٿي پليت ۾

جي توهان جهڙي جي پرورش جو خرچ
سهڻ کان ٿا ونڻ چاهيو ته موت ۾ توهان به
ٻه ميران جي پرورش ۽ پڙهائيءَ جو خرچ
ڪيئن پوري ڏيو ته؟ هن وقت ۾ سنتان ڌيءَ
هجي چاهي پٽ، سڀ هڪ سمان آهن.
توهان ته ٻار پنهنجي سگهه جي وس جهڙي
کي پالڻ ۾ ڀلائي ڪئي هوندي، ٻه ميران
جي ڀيءَ جيئن اولاد ۾ فراخدلي ڏيکاري
آهي تيئن ڪين پالڻ ۾ بہ فراخدليءَ کان ڪم
ورتو آهي.

س : پر سائين ڌيئر ڄڻڻ ۾ ته هڪڪي ضرور
ڀلائي ڪرڻ ڪهڙي هئي. هن هيترن
ڌيئر ڄڻيون ڇو؟ هاڻي ڇا سندس سڀني
ڌيئرن جو نيڪو مان ڪٽندس؟

ا : ٻرابر، هو به ڏوهاري آهي، هن وقت سماج
۾ پٽ ۽ ڌيءَ جو ڪوبه فرق نه رهيو آهي
پر اسانجي سماج ۾ پٽ جي ڀيءَ جو ڪدر
هميشه مٿي رهيو آهي ۽ ڌيءَ جي ڀيءَ
جو ڪدر سدائين هيٺ رهيو آهي، توهين
ئي ٻڌايو، هيتر توهان ئي پٽ جي مائٽيءَ
لاءِ ڇوڪريءَ وارن کان گهڻا سوال پڇيا؟

ان ڪري ٻال رکج ٻار رڳو ٻه ڄٽڄاڻء ٿيو
ٻلي ڌ ٻٽرون هجن يا ٻٽ۔

ب : ٻاٻا هاڻي ڀائوء جي شادي ته ڪورٽ ۾ ٿي
منهنجي شادي ؟

س : ٻٽ تون ته ٽڪاڻي ۾ شادي ڪجاڻء ۽ سوا
روپئي جو ڪٽاهه پرساد ڪرائيء، ته تون
وري ٢ سير ٽجاڻء۔

( سب کلن ٿا )

—: سماپت :—

ننڍڙو صندوقڙو، ٿورا مرملا، اٺ سلائيس
ڪيڪ جو ۽ گوليءَ جيڏو گلاب جمون
ٺهرايائين ۽ وري سوڊا ليمن جون خالي
ٻاٽليون وٺي انهن ۾ ديسي شربت ڀرايائين.
ڪهه ٻوي اهڙي ٻڪائي! ٻڪائيءَ جو
شاندار نمونو ته هيءُ آهي نه ٻڌڻ جو خرچ
نه ٻاجن جو، نه مهمانن ۽ جاچين جو خرچ.
سڌو پهتاسين ڪورٽ ۾ ١١ روپين جي
دستاويز تي ٻنهي گهوٽ ڪنوار صحي ڪئي
مان ۽ مٽيم ٿياسين شاهد ۽ ست روپيه
ٽڪسيءَ تي خرچ ڪري اچي گهر پهتاسين.
اڄ شادين تي ڪيڏا نه خرچ ۽ خفا آهن سي
ڪان ڇٽي پياسين.

س : سچ ٿي چوين، جي منهنجي ٻڪائيءَ جي
اڳ۾ خبر هجي ها ته مان ٻنهنجي شاديءَ
تي اصل خرچ نه ڪريان ها. سول مئرڻج
ڪريان ها، نيت زال ۽ ته سيٽ ڌرمداس
جي آهين سو ضرور ٻڪائي ته ڪندين نه.
پٽ جمڙا! تون ۽ مائٽن مان سبق سکج،
ڏنڌ منهنجو ٻيءُ سير هٿو ته ماڻهين سوا
سير نڪتي ۽ تون ڏيڍ سير ٿي ڏيکارج.

ڊائڪ - ۴

# معصوم پيار

شاديءَ کانپوءِ ماءُ، ڌيءُ کي اهائي سکيا ڏيندي آهي ته پنهنجو گهر آباد رکجِ ۽ ڌيءُ انهيءَ عمل ڪري گهر کي سرڳ ٺاهيندي آهي پر ماڊرن ماءُ ڌيءُ کي اهڙي سکيا نه ٿي ڏئي، جيئن ته ڪلب ۾ وڃڻ، راند ڪرڻ، گهوٽ تي رعب رکڻ ۽ سندس هر ڳالهه جي مخالفت ڪرڻ. نتيجي طور شيلوءَ پنهنجي گهوٽ راجيش کان الڳ ٿي پيڪن ۾ ٿي رهي پر سندس معصوم دل ۾ راجيش جي پيار لاءِ تڙپي ٿي پر ماءُ جي اڳيان مجبور آهي. پيءُ ڌيءُ جي پيڙا کي سمجهي هڪ چال ٿو هلائي ۽ آخر شيلوءَ جي دل ۾ راجيش جي سچي پيار جي هلچل مچي ٿي وڃي ۽ شيلوءَ جون اکيون کلن ٿيون ۽ هوءَ پيءُ کي نيزاري ٿي ڪري ته راجيش کي هينئر ئي فون ڪري گهراءِ جو هوءَ هاڻي هڪ پل به هن گهر ۾ رهڻ نٿي چاهي.

راجيش اچي ٿو ۽ شيلوءَ پنهنجي بيگ کڻي ان سان وڃي ٿي ۽ پٺيان وري نهاري به ڪانه ٿي جو متان وري سندس ماءُ جي ڪشش کيس پاڻ ڏانهن نه ڇڪي.

# معصوم پيار

آداڪار:

ڪشور : گھر جو وڏو
ڪملا : ڪشور جي زال
شيلو : ڪشور جي ڌيءَ
راجيش : شيلوءَ جو گھوٽ
جج : خيالات ۾

جڳھ : ھڪ بيڊروم رات جو وقت.

ڪملا : شيلوءُ پٽ، ڇا ٿي سوچين؟ ھن طرح اڪيلي ويھي رڳو سوچڻ سان ڇا ٿيندو. تون ڇري ٿي پوندينءَ. تون ھاڻي راجيش ڪي پنھنجي زندگيءَ مان ڪڍي ڇڏ، پنھنجي وچ ۾ تو ته ڪڏھن شادي ڪئي ھئي. مونکي ڇا خبر ڪانه ھئي ته اھڙو پڙھيل ڳڙھيل نوجوان ٿي ۾ ايترو تنگ دل ھوندو! ڏس، ھنن ڇھن مھنن ۾ تون ڪيترو نه ڳري وئي آھين!

(روئندي) خبر ناهي ڪهڙي جادوءَ مونکي ڪم ڪيو؟ جو راجيش لاءِ مون هڪدم ڪٽي ها ڪئي. پٺهي نه ڪيئي ڇوڪرا نو لاءِ ڏيکاريا، پـر مـان سوچيندي هئس، منهنجي هڪڙيءَ لاڏليءَ ڌيءَ، جيئن مون کيس عيش عشرت سان هلايو آهي نه ساهرن ۾ به هن کان وڏيڪ عيش ملينس. ان ڪري ئي راجيش مون پسند ڪيو جو هوءَ هٿٺهار وڪيل سان گڏوگڏ پئسي وارو به هو. هن جو هر ڪم نوڪر ڪندا هئا ۽...

شيلوءَ : بس ڪر ممي بس ڪر. مـان وڏيڪ نٿي ٻڌڻ چاهيان. منهنجو نصيب ڇا آهي؟ اهو سڀ تنهنجي اڳيان آهي. چوندا آهن، نصيب لکڻ وارو وڌاتا هوندو آهي پـر منهنجي آزمودي موجب هر ڌيءَ جو نصيب لکڻ واري سندس ماءُ ئي هوندي آهي، جيڪا ڌيءَ ۾ جهڙا سنسڪار پيدا ڪندي تهڙو ئي سندس نصيب ٺهندو. (روئندي) اڄ ٻه را ات ڏينهن مونکي گهر ڇڏي ٿيا آهن ۽ راجيش مون وٽ لڙي ليئو به نه پاتو آهي. مان جڏهن به اڳ ۾ رسندي هئس ته هوءُ مونکي پرچائڻ جا سوين طريقا ڳولهيندو هو. مونکي

ڪٿان آيا؟ هينئر نہ نئون يگ ٿو هلي. نئين زماني ۾ نئين ڳالهہ. هن وقت ۾ استري ۽ پرش ٻنهي کي ساڳيا حق آهن. اڳي مرد، زالن کي غلام ڄاڻي، پردي ۾ رکندا هئا، هڪ ڪٺپتليءَ وانگر نچائيندا هئا، خبر اٿيئي ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ زالون پوڙهيون ۽ اڻ پڙهيل هونديون هيون. هو ٻنهي جا نڪو حق سمجهنديون هيون نڪو فرض.

شيلُو : ممي ڪير ڪيئن بہ هجي، پر پاربتي ناريءَ جي پوڄا اڃان بہ هر هنڌ ٿيندي آهي، خبر اٿيئي ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ ان ۾ سندس گڻ سمايل هوندا آهن. پاربتي ناريءَ کي تياڳ جي ديوي، ممتا جي مورت، شيل جي سندري ڪري ليکيو ويندو آهي. ڇا مان انهن گڻن کي ڀلجي وڃان؟ راجيش جهڙي ديوتا سروپ کي مان پنهنجي دل مان ڪيئن ڇڏيان؟ اهو تون ٿي چوين؟ ماءُ تہ ڌيءُ کي شاديءَ وقت سکيا ڏيندي آهي تہ پتي ڏوليءَ ۾ ساهرن ۾ وڃ ۽ ارٿيءَ ۾ واپس نڪرج. پر هاءِ! اهڙي سکيا مون کي ڪٿي ملي؟ (روئي ٿي).

پ م : اوهان جو خط آهي. رجسٽر ليٽر؟

خوش رکڻ لاءِ هو منهنجي هر آرزو پوري ڪندو هئو، منهنجي چوڻ تي هو ڪلب هلندو هئو، جيتوڻيڪ کيس راند، شراب ۽ سگريٽ کان سخت نفرت هئي. پر هو منهنجي خوشيءَ خاطر پنهنجي نمائن جو گلو گهٽيندو هئو. راجيش ڇا ڇا نه ڪيو منهنجي لاءِ! پر اُف! منهنجي سکيائن جي نٺين پوڄائن هنکي پٺ ٽائي ڇڏيو. پلا هو ڇا ڇا سهي؟ نيٺ هو به ته انسان آهي؟
(روئي ٿي)

ڪملا : پٽ روءِ نه. اُٿ هلي نيرڻ ڪر.

شيلو : (ڪروٽ مان) مونکي ڪجهه ڪونهي کائڻو. بس جيسين راجيش نه ايندو تيسين مان ڪجهه نه کائيندس.

ڪملا : ته ڇا تون چاهين ٿي ته مان راجيش اڳيان جهڪان؟ کيس فون ڪريان؟ هرگز نه. هو پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو؟ آهي ته خسيس وڪيل نه، پر اسانجي حيثيت جي کيس خبر ڪانهي؟

شيلو : ممي! هو ڪجهه به آهي، پر منهنجو جيون ساٿي آهي، منهنجو اڌ شرير آهي، استريءَ لاءِ پتي پرميشور ٿيندو آهي.

ڪملا : چپ ڪر. اهي جهونا ويچار تو ۾ الائي

ڇا راجيش اھڙو ڪري ڇڪو آھي؟ ھُو
مونکي ڪورٽ ۾ گھرائيندو، مونتي مقدمو
ھلائيندو؟ طلاق ڏيندو؟ نہ نہ ھيءَ سڀ
مان ڪھڙا ويچار پيئي ڪريان؟ راجيش اھڙو
ڪانھي، مان ھنکي چڱيءَ طرح سڃاڻان. ھُو
منھنجي خوشيءَ لاءِ پنھنجي ھر خوشيءَ کي
قربان ڪندو رھيو آھي. پر پوءِ ھي وڪيل
جو خط ڪھڙو؟ سو بہ رجسٽر ليٽر؟ مان خط
وٺان ھا؟ ڏاڍي ڀُل ڪيم. گھٽ ۾ گھٽ
راجيش جي ممورنيءَ جي نہ خبر پوي ھا
اڄ ھيڏن ڏينھن ۾ نہ پاڻ آيو آھي ۽ نہ ئي
فون ڪيو اٿس.

ڪشور : شيلو پٽ ڪير ھو؟ تُو ڪنھن سان پئي ڳالھايو؟

شيلوُ : بابي، پوسٽ مين ھڪ رجسٽر ليٽر منھنجي نالي کڻي آيو ھو (ھٻڪندي) لڳو ٿي ڪنھن وڪيل وٽان آيل ھو، شايد راجيش ڪيس ڪرڻ ٿو چاھي. آخر ھو بہ منھنجا نخرا ڪيستائين سھندو ۽ منھنجي آڱرين تي ڪيستائين نچندو؟ بابي، مان ڇا ڪريان؟ مونکي ڪو رستو ٻڌايو؟

ڪشور : (کلندي) رستو؟ رستو تون مونکان ٿي

شيلوُ : رجسٽر ليٽر؟ سو بہ منهنجي نالي؟ ڪٿان آيو آهي؟ ڪنهن موڪليو آهي؟

پ م : مٿبل، لڳي ٿو، ڪنهن وڪيل جو آهي ۽ سندس ٽريڊ مارڪ ٽارزؤ آهي.

شيلوُ : ڇا وڪيل جو؟ راجيش ڪنهن وڪيل جو نوٽيس موڪليو هوندو؟ ڇا راجيش مون کان بدلو وٺندو؟ هوُ مون کي ڪورٽ ۾ گهرائيندو؟ مون کي طلاق ڏيندو؟ پوءِ ٻي شادي ڪندو؟ نہ نہ اهو سڀ مان ڪيئن سهي سگهندس؟
(همت گڏ ڪري)

شيلوُ : پوسٽ مين تون هي خط واپس کڻي وڃ ۽ پوسٽ ماسٽر کي چئہ تہ ميم صاحب آئوٽ آف اسٽيشن آهي.

پ م : پر مان ائين ڪيئن چوندس؟ توهان تہ گهر ۾ موجود آهيو؟

شيلوُ : (ڏهين رپئي جو نوٽ ڏيندي) مان اڄ ئي ڪٿي هلي ٿي وڃان. پوءِ توکي ڪوڙ بہ نہ ٻيٺو پوندو.

پ م : پر جي سڀاڻي توهان هن شهر ۾ هوندا تہ توهان کي خط وٺڻو ئي پوندو.

شيلوُ : ها ها، ان جو تون فڪر نہ ڪر. مان اڄ ئي ٿي هلي وڃان (پوسٽ مين جي وڃڻ ڪانپوءِ)

همراز ٿئي ۽ هر ڪم ۾ سندس ٻانهن ٻيلي
ٿئي. ٻنيءَ جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشي
سمجهي. شيلو ڀٽ! مان ته انهن ڳالهين کان
محروم رهيس جو ڪملا جو وهدوار جي ڪري
مان ڪوبه سک پائي نه سگهيس. پنهنجي
ڄڻيس ۾ ته ٻان ڏٽ لڳس ۽ نتيجو اهو
نڪرندو ويو جو آمدني خوب وڌندي وئي.
ڪملا جو هر سک ۽ هر خوشي ميسر ٿيندي
ٿي وئي، پر مان رڳو ڪمائيءَ جي مشين
بڻجي هئن گهر ۾ رهندو هوس. تنهنجي
پرورش آيا ڪندي هئي ته. منهنجي دل
روئي ڏيندي هئي. جي ٻار جي پالنا آيا
ٿي ڪري ته ڀڳوان ٻار لاءِ ماءُ ڇو خلقي؟
(دل ڀري جي ٿي اچيس) شيلو تون سياڻي
آهين، پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو تون
پاڻ ڪري سگهين ٿي، بيو ڪوبه نه. ڀڳوان
توکي سٺي مت ۽ همت ڏئي. اها منهنجي
آسيس اٿيئي. (هليو وڃي ٿو) شيلا روئي
ٿي، نه ڄاڻ ڪيڏي مهل اکه لڳي ٿي
وڃيس هن ڏٺو ته ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾
هڪ طرف راجيش آهي ۽ ٻئي طرف پاڻ.

جج : ملزم شيلا! مسٽر راجيش جو چوڻ آهي ته.

ٻچين؟ سدائين تہ پنھنجي ماءُ جي سکيائن
تي ھلي آھين تہ رستو ۽ ماڻھين کان ٻچ.
جيڪا ٻاڙکي تنھنجي ۽ پنھنجي سکہ لاءِ
جوابدار ٿي سمجھي. اھو تہ مان آھيان جيڪو
تنھنجي ماءُ جي ھر ڳالھہ کي شانتيءَ سان
سھي ويٺو آھيان اپار پٽسي سان ھوءَ ۽ تون
گھڻو خرچ ٿيون ڪريو؟ ڪجھہ خبر ڪانہ ٿي
پوي، ڇو تہ توھان جي سڀني خرچن کانپوءِ
۽ منھنجي آمدني اُنجي ڏھوڻي ٿي اچي.
مان سڄو وقت گھر کان ٻاھر بزنيس ۾ مشغول،
ڪجھہ خبر ڪانھي تہ توھين ڪٿي ٿيون وڃو
ڇا ٿيون ڪريو؟ ۽ ھرڪو مرد تہ اھو نہ
چاھيندو. زالن وانگر مردن کي بہ ڪي
اڇائون آھن. ھو زال مان کھڙي اميد رکندا
آھن سو مان ٿو توکي ٻڌايان. ھرڪو مرد
پنھنجي زال جي ھٿ جو رڌل لذيذ کاڌو
کائي خوش ٿيندو آھي نہ ڪ ھوٽل ۽
رسوئين جي ھٿ جو. مرد چاھيندو آھي تہ
ھو ٿڪجي اچي تہ زال سندس انتظار ۾
ھجي سنڀال اچي آجيان ڪري. مرد جي
اھا بہ آرزو ھوندي آھي تہ سندس ڏرم
پتني سندس ويچارن ٿي ھلي، ھن سان

ڀانس ڪرڻ ۽ پسند نه. هتي آءُ ٽڪو ٿي
ٻيو ٿي پارٽين ۾ وڃي ميڪ اپ ڪرائڻ
وغيره وغيره. ڇا اها ڪا زندگي آهي؟
جو هڪ ڪٺپتليءَ وانگر مان راجيش جي
اشاري تي نچان؟ گهر ۾ رسوئو هوندي به
ڇوندو هئو نہ ڪاٿو لُون ناهہ، آخر ڇو؟
منهنجي مائٽن مونکي سک ڏيڻ لاءِ سندس
هر ضرورت پٽي پوري ڪئي ۽ جڏهن هو
ڪڏهن به خرچ مان تنگ نه ٿيا ته راجيش
ڇو ٿو اعتراض وٺي؟

راجيش : جج صاحب! هر ڪو شخص جيڪو شادي
ڪري ٿو، انجي پٺيان هڪ پنهنجائپ جو
راز آهي، مڙس زال کي پنهنجو سمجهي
ٿي سڀ ڪجهه ڇوندو آهي، جيڪا زال
پنهنجي سرڳ روپي گهر جي هر ڳالهه کان
محروم آهي. انجو گهر طرف ڌيان ڏيارڻ
مڙس جو فرض آهي، شيلا جي مائٽن ڌيءَ
کي سک ڏيڻ لاءِ ڌن، دولت، نوڪر،
چاڪر، فرنيچر، بنگلو سڀ ڏنو، پر مونکي
۽ منهنجي ووهڪ کي نه ڪاڻ خريد ڪيائون
نه. هر انسان کي پنهنجي دال مان سواد
ايندو آهي. مان هڪ سادو سودو وڪيل

١٩ ڊسمبر ١٩٨٦ تي توهان راجيش سان شادي ڪئي.

شيلا : (ڪنڌ جهڪائي) ها بلڪل صحيح آهي.

جج : هڪ ڏ ر مهتنديءَ جي نالي توهان راجيش طرف ڪنهن به قسم جو ڌيان نه ڏنو آهي ۽ اهڙي هلت به هليا آهيو جنهن سان مسٽر راجيش جي اخلاق تي به ٺيس رسي آهي.

شيلا : ماءِ لارڊ اهو صحيح آهي ته هر استري پنهنجي مرد جي هر حالت ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ جوابدار آهي پر ساڳئي وقت مرد جو به ڪو فرض ٿيندو آهي...

جج : ها ها، ضرور، هو پنهنجي زال جي هر طرح جي سار سنڀال لهڻ لاءِ سندس پرورش ڪرڻ لاءِ وغيره وغيره. ته ڇا مسٽر راجيش انهن سڀني ڳالهين ۾ لاپرواهي ڪئي آهي؟

شيلا : نه (حاضرين کلن ٿا) شيلا هڪي بڪي ٿي وڃي ٿي. (وري) راجيش منهنجي ڪيترين ڳالهين کي ٽاريندو هئو، جهڙوڪ رسوئي کان روٽي ٺهرائڻ ڪيس نه وٺندو هو. ها هنکي منهنجو ڪلب ۾ وڃڻ ا-- اکڙجندو هو. راجيش کي منهنجي ڪلب ۾

شيلا ئي آگر نہ ڪٽي. مان چاهيندو هوس تہ
هر ٻو ٻو ٻو گهر هجي جتي سنسڪاري ٻئي
ٻئي پنهنجي گلڙن جي پرورش ڪن. پر
افسوس! منهنجو سپنو ساڪار نہ ٿيو.
(روئي ٿو).

شيلا : راجيش - راجيش (ڇرڪ ڀري اٿي ٿي)
اوهہ هي ڪهڙو سپنو؟ ڇا راجيش سچ پچ
مون ئي ڪيس ڪيو آهي؟ مان اڄ شام
واري گاڏيءَ ۾ ئي ڪٽي هلي ويندس -
هلي ويندس.

ڪملا : (رڙ ئي ئي) ڇا آهي شيلا، هيءَ توکي ڇا
ٿي ويو آهي؟ اٿ جلد تيار ٿيءُ نہ ڪلب
هلون، اڄ دل بہ ونڊرجندءِ. گهر ۾ ويهي
ويهي نہ ڄاڻ ڇا ڇا پيئي سوچين؟

شيلا : (هٻڪندي) ممي خبر ناهي راجيش جي
من ۾ ڇا آهي، شايد هن مون تي ڪيس
ڪيو آهي، اڄ پوسٽ مئن ڪنهن وڪيل
جو موڪليل رجسٽر ليٽر ڪٽي آيو هئو.

ڪملا : ڪٽي آهي؟ ڏسان ڇا آهي؟

شيلا : مون پوسٽ مئن کي خرچي ڏيئي چيو تہ
هو واپس ڪٽي وڃي ؛ لکي آئوٽ آف
اسٽيشن، مونکي الائي ڇاٿو ٿئي، جي

هئس ، هن دنيا ۾ منهنجو پيو ڪير نه هئو. پيار جو نالو مون ڪڏهن ڪانه ٻڌو هئو. اهڙي حالت ۾ سيٺ ڪشورداس مونکي پنهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ راضي ڪيو.

جيئن ته پڪچرس ۾ ڏسندو هوس يا ڪن مئگزنس ۾ پڙهندو هوس ته هڪ ڇوڪري جڏهن شادي ڪري گهوٽ جي گهر ويندي آهي ته ماءُ کيس سڀني سکيائن جو پيار ڏيندي آهي ، اهڙا سپنا سنجوئي مون شادي ڪئي ، پر شاديءَ جي پهرين ڏينهن کان ئي شيلا ۽ ڪملا جو سچو سڀاءُ ڏسي مان پنهنجي شاديءَ کي هڪ عجيب قسم جو بوجهو سمجهڻ لڳس. مان شيلا کي ابرابر اڪيلي ڪلب ۾ وڃڻ کان منع ڪندو هوس ڇو ته اهو منهنجي اخلاق جي خلاف هوندو هئو. شيلا ۾ قدرتي سونهن هئڻ ڪري مان کيس نقلي سونهن کان دور رکڻ لاءِ بيوٽي پارلر ۾ وڃڻ کان روڪيندو هوس. انجو مطلب اهو ڪانهي ته مونکي شيلا لاءِ پيار ڪانه هئو. مونکي شيلا لاءِ پيار هئو پر ڏهن ئي مون ائين ڪيو ته ڪڏهن سماج

ڪجهه سوچ، تو نه پنهنجو گهر نه ٺاهيو، پر
تون پنهنجي ڌيءَ جو گهر به ويران ڪرڻ
ٿي چاهين؟ شيلا جي دل جي مندر مان
راجيش جي ديوتا روپي مورتيءَ کي ڪڍڻ
جو توکي ڪهڙو اڌڪار آهي؟ اڄ شيلا
جيڪو ڪجهه سهي پئي، اهو سڀ
تنهنجي سکيائن جو ڦل آهي.

ڪملا : اڄ ڪوليءَ کي پر ڪٿان نڪتا آهن! هيترن
سالن ۾ به توهان ڪڏهن به منهنجو وروڌ
ڪانه پئي ڪيو؟ اڄ اوچتو هيءَ بغاوت
ڪرڻ جو مطلب؟

ڪشور : ڪملا، تاڙي هڪ هٿ سان نه وڄندي
آهي. هر انسان پنهنجا عيب نه ڏسندو
آهي. اڄ تنهنجي من ۾ راجيش لاءِ جيتري
نفرت ڀريل آهي، منهنجي دل ۾ ان کان
وڌيڪ عزت ڀريل آهي. خبر اٿيئي ڇو؟
ڇاڪاڻ ته هو هڪ مرد ٿيڻ جي قابل آهي،
هو عورت ذات کان ڊڄي ڪانه ٿو، هو
پنهنجي گهر کي سرڳ ٺاهڻ جو مقصد
رکيتو. هو سچي زندگي جيئڻ چاهي ٿو،
جيڪا پتي پتني جيئندا آهن. هن کي
پنهنجائپ کپي...

راجيش کيس ڪيو ته مونکي ڪورٽ ۾
وڃڻو پوندو ۽ پنهنجو ايمان سهڻو پوندو.

ڪملا : (اٿي بيهي) اسانجو خاندان ڪڏهن جو ايمان
ڪرڻ سکيو آهي پر سهڻ نه. پر تون اهڙو
ٻڌڻ ڇو پيئي؟ هڪ زال چاهي ته مرد
تي ڪيترا به الزام هڻي کيس ذليل ڪري
سگهي ٿي ۽ تون ته هڪ بهادر ماءُ جي
بهادر ڌيءُ آهين. ٻڌڻ نه اسانجي شان جي
خلاف آهي. تو لفافو ڇو واپس ڪيو؟ وٺين
ها ته ڪميٽي راجيش جي نيت جي خبر نه
پوي ها. تون سمجهين ٿي ته ڪورٽ جي
سمن جو پڙهي مان ڀڄي ويندس؟ هرگز
نه. مان ته پاڻ شڪاريءَ جو مقابلو ڪندس.

شيلا : پر جي هو طلاق وٺڻ چاهي ته؟

ڪملا : ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. اڄوڪي زماني
۾ اهو به هڪ قسم جو فئشن آهي. انهين
ڳالهه ته آهي ڪانه؟ ۽ وري راجيش به اها
پنهنجي جهالت کان باز نٿو اچي، هو توکي
اجا به پنهنجي آڱرين تي نچائڻ ٿو چاهي،
آخر اهو سڀ ڪيستائين هلندو؟

ڪشور : (تاڙيون وڄائيندو) واه! واه! ڏاڍي سهڻي
سکيا پيئي ڌيءُ کي ڏني! ڪملا، ڪجهه

رهي خوش آهي؟ نه بلڪل نه. ٻاهران هوءَ
توکي خوشي ڏيکاري ٿي ڇاڪاڻ ته تون هن
جي ماءُ آهين پر اندر سندس روئي ٿو.
هوءَ راجيش کي نٿي وساري سگهي،
راجيش جو پيار هنجي نس نس ۾ سمايل
آهي. اڄ توري ٿي وقت ۾ سندس حالت
ڇا ٿي وئي آهي!

ڪملا : (اڌ ۾ ٿي) ته توهانجو مطلب آهي ته راجيش
جو ڪو ڏوهه ڪونهي ۽ منهنجي ڪري
شيلا دکي آهي

ڪشور : بلڪل صحيح. پر شيلا ڪان، سچ پڇاءِ،
پٽ شيلو ڪملا کان ٻڌجي، تون راجيش کي
فون نٿي ڪرين نه؟ ڪملا جي چوڻ ڪري
تون جهڪڙ نٿي چاهين نه؟ پڇاءِ راجيش
توکي پيار نٿو ڪري؟

شيلا : (روئندي) ٻڌئي مان ڇا ڪريان؟ توهان
جيڪو چيو سچ آهي. سچ پچ اها ضد ۽
گهمنڊ جي ديوار اسان ٻنهي کي ملڻ نٿي
ڏئي. مان ڪڏهن راجيش جو چيو مڃي جي
ڪلب ۾ نه پهچان ته مميءَ جو فون مٿان فون
ايندو هو ۽ الائي ڇو مان نه پهچي ويندي
هئس. مان محسوس ڪندي هئس ته مونکي

كملا : ته ڇا توهان کي اهي ڳالهيون ڪونه مليون؟

ڪشور : نه، هرگز نه. تون پنهنجي سڀاءَ جي ڪري
مونکي پنهنجي مٿ ۾ اهڙو ته پڪڙي
رکيو جو مان تنهنجو ڪوبه ورونه ڪندو
هيس. شادي شده هوندي به صبح جي
ڇانهه نوڪر هٿان ڇانهه ملندي هئي ۽
تون ان وقت ننڊ پيئي ڪندي هئينءَ. مان
تيار ٿي نيرڻ ڪرڻ نڪري ويندو هيس،
ان کان پوءِ تون ڪيڏي مهل اٿين تنهن
جي خبر ناهي. منجهند جي ماني به
ان ڪري آفيس ۾ ئي گهرائيندو هوس.
ٿڪجي رات جو گهر ايندو هوس ته تون
گهر مان غائب هوندي هئينءَ. هاڻي تون
ئي ٻڌاءِ ته تو مونکي ڇا ڏنو؟ ها جي
ڪٺي تنهنجو ڪڏهن وروڻ ڪيم ته. گهر ۾
روڊن ۽ اشانتي. ڇا تون هن کي زندگي
ٿي چوين؟ ڇا تون اهو پيار شيلا جي
زندگيءَ مان به ڪيڻ ٿي چاهين. شيلا جي
پالنا آيا ڪئي، اهو به سٺو ٿيو جو گهڻ ۾
گهڻ تنهنجا سنسڪار نه هن ۾ گهڻ پيا نه
نه شايد هوءَ توکان به ٻه رليون وڌيڪ هجي
ها. اڄ شيلا کان تون ٿي پڇ ته هوءَ هٿي

ڪشور : شيلا پٽ، راجيش شام جو ٥ بجي اچي رهيو
آهي. تون پنهنجي ٻيگ تيار ڪج.
(شام جو بيل وڄي ٿو ۽ ڪشور در کوليٿو)

راجيش : اچان.

ڪشور : اچ پٽ اچ. شيلا او شيلا! راجيش آيو آهي.
(خوشيءَ مان)

شيلا : ها ٻڌي ها (سهڻي ساڙهيءَ ۾ سڄيل)
هاءِ راجيش! ٺيڪ ته آهين نه؟ پنهنجي
ڪهڙي حالت ڪئي اٿئي؟ ڇا ماڻي ڏانهم
ٿي ڪانه ڪائيندو هئين. لڳي ٿو رسو ٿي
تنهنجو خيال بلڪل ڪانه رکيو آهي.

راجيش : منهنجي خيال رکڻ جو اڌيڪار صرف توکي
ئي آهي، ٻئي ڪنهن کي نه. جڏهن تون
ئي موڪي ڇڏي وئينءَ ته مان پلا ٻئي
ڪنهنکي ڏوهه ڇو ڏيان؟

شيلا : پر راجيش، تون ته منهنجي ضد کان واقف
هئين ۽ سڀ ڪجهه سهي پيار ڏنئه. مون
سمجهيو ته تون ضرور ايندين، پر منهنجو
انومان غلط نڪتو. الٽو تو مون تي ڪيس
ڪيو.

راجيش : ڪيس! ڇاجو ڪيس؟ مون ته ڪوبه ڪيس

راجيش جو وروڌ نہ ڪري سگهي. پر الائي ڪهڙي جادوءَ جي ڪري راجيش جو وروڌ ڪري ويٺي هئس.

ڪشور : اهو پيو ڪوبہ جادو ڪونهي پر ماءُ جي اُٿي سکيا جو ڪرشمو آهي. جي هر ڪا ماءُ پنهنجي ڌيءُ کي هن نموني جي سکيا ڏئي تہ هر گهر يُڌ جو ميدان بڻجي پوي. پُٽ شيلا تون راجيش جو فون ڊائل ڪر تہ ساڻس ڳالهايون.

شيلا : (نمبر ڊائل ڪندي) (ٻئي طرف کان آواز راجيش جو) هيلو! راجيش! مان شيلا آهيان. پِتاءِ، ڪيئن آهين؟ ڏاڍو ٻٽر دل آهين. نيٺ مونکي ئي جهڪڻو پيو. ها تہ بابي توسان ڳالهائڻ ٿا چاهين.

ڪشور : هيلو! راجيش! گڊ آفٽرنون! ها پُٽ، راجيش، تون ڪيئن آهين؟ اڄ فئڪٽري کان ويس جو ٿوري طبيعت نرم آهي. ها تہ شام جو اچين ٿو؟ توسان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي. شيلا تہ تنهنجو ڪافي انتظار ڪيو آهي. ڇا توسان فون تي ڪونہ ڳالهايو اٿس؟ چڱو، پُٽ شام جو سڌو اچج. ها مان گهر ۾ ئي آهيان.
(فون رکيئو)

مدد جو احساس نہ ٿيڪاريندي ) ان ڪري
تي مون اھڙو قدم کنيو ۽ جيڪي زھر جا
ٻڪ مون ڀريا آھن سي ھر پيڙھيءَ ۾ نہ
ھلن، جي لون ۾ ڪملا جي سنسڪارن
واري ٿين ها ۽ تنھنجي سنتان ۾ تنھنجي
گڻن جو شڪار ٿئي ها ۽ خبر ناھي ڪيترن
پيڙھين ناس ۽ نابود ٿين ها.

شيلا : ڀاڀي، سچ پچ توھان مون کي ڪرڻ کان
بچائي ورتو ۽ توھان منھنجي انڌ ۾ پيل
اکين تان پردو لاھي، زندگي ڏاھي ورتي.
مان توھانجو اھو احسان زندگيءَ ڀر نہ لاھي
سگھندس. مان راجيش جي حال تي ھلندس.
اڄ پنھنجن سڀني نوڪرن کي واپس وٺي
وڃو. مان پنھنجي گھر جو ھرڪو ڪم
پاڻيھي ڪندس.

ڪشور : سچ، شيلوُ پٽ، زال کي گھر جي راڻي
ان ڪري ئي تہ چيو ويندو آھي جو ھوءَ
گھر کي سرڳ بڻائيندي آھي، گھر جي ھر
طرح سان سار سنڀال لھندي آھي،
سجائيندي سنواريندي آھي.

شيلا : ھا ڀاڀي، ھاڻي مونکي ھن گھر ۾ ھڪ

ڪونه ڪيو آهي.

شيلا : نه ڇا تو ڪڏهن وڪيل جو نوٽيس ڪونه موڪليو آهي؟

راجيش : بلڪل نه! مان ڇو ڪيس ڪيان؟ ڇا توکي مون مان اها اميد هئي؟

ڪشور : نه پر، ڪيس راجيش نه، پر مون ڪيس ڪيو هو.

شيلا : تو هان؟

ڪشور : (شيلا ڏانهن مخاطب ٿيندي) ها، مون. مون ڪملا کي گهڻو ئي سمجهايو ته تون شيلا جي زندگي برباد نه ڪر، پيار کي نه ٺڪراءِ. مان پڻ مرد آهيان پر تنهنجي دل ۾ اندر ڄ هر اڌمو چڱيءَ طرح پرکي ويندو هئس. جيڪا شيلا راجيش سان گڏ انهن ڇمڪندي هئي جيئن ساوڻ جي مند ۾ ڪوئل، ان جي حالت اهڙي ٿي جو اڪيلائيءَ ۾ ويهي آسمان ڏانهن نهاري صرف سوچڻ ۾ مشغول رهندي هئي. پر تون ٿي بڌاءِ تنهنجي حالت مان ڪيئن ٿي سهي سگهيس! مون ڏٺو هڪ ڪچڙيءَ ڪليءَ جي همت ڪملا ڪيئن ٿي ڪافور ڪري ڇڏي، (پنهنجي

اکيون وڇائي انتظار ڪندس. گھر ۾ اچن
ٿا. شيلا ٻنهي جي هٿن سان هڪ بورڊ تيار
تيار ڪري ٿي جنهن تي لکيل آهي:
"شيل راج آشيانا" (ٻئي گڏجي ڪلن ٿا)

ڪشور : (انهن جي نگاهه ڪرڻ لاءِ اچي ٿو) ٻنهي
کي خوش ڏسي ازخود سندس وات مان
نڪري وڃي ٿو) شل سدائين ٻاڙ ۾ ڪير
ڪندا ٿي رهو. ٻنهي جي گھر کي سرڳ ٺاهيو.

:— سماپت :—

ٻل ۽ ن رهڻ گهرجي، ڇو ته هيءَ گهر هاڻي منهنجو پنهنجو ڪانهي. هاڻي راجيش جو گهر ئي منهنجو آهي. (راجيش ڏانهن نهاريندي)، راجيش مونکي معاف ڪر، مون توکي ڏاڍو ستايو آهي (روئندي) هاءِ مان ڪيئن ان پاپ جو پراشچت ڪريان؟

راجيش : بس شيلا روءُ نه، اڳيئي پنهنجي شرير کي ڪافي نقصان پهچايو اٿيئي، تو ڪو به قصور ڪونه ڪيو آهي، صبوح جو پليل جي شام جو گهر اچي نه ان کي پليل نه ڇڏيو. هاڻي هل ته گهر هلون.

شيلا : پر توهان کي منهنجي هڪ ڳالهه مڃڻي پوندي؟

راجيش : تون چوين ۽ مان نه نه مڃان.

شيلا : پيو ڪجهه نه، پر گهر ۾ جيڪي ٻه نوڪر آهن، انهن جي ڇٽي ڪرڻي آهي.

راجيص : پر تون گهر جو ايترو سارو ڪم ڪيئن ڪري سگهندينءَ؟

شيلا : ها، ها ڇو نه ڪري سگهندس؟ مان هاڻي گهر جو هرڪو ڪم ڪنديس. پنهنجو گهر سرڳ بڻائيندس. توهان جي راهه ۾ شام جو

ناٽڪ - ٥

# دعوت

نئين زماني نئين پارٽيءَ کي جنم ڏنو آهي. جنهن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هر ڪنهن زال کي فخر ٿئي ٿو. ان پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هر ڪو نقلي شان جي اوٽ وٺي ٿو هلي جيئن ڪو ڪپڙي ۾، ڪو زيورن ۾، ڪو ٺاهه ٺوهه ۾ ته اجائي اڏمبر ۾.

زالون جتي گڏجن اتي پرائي پچار ۽ ٽيڪا ٽـ، هوندي ئي آهي ۽ وري نقلي شان رکندي ڪنهن کي ڪهڙو گهاٽو ٿو پوي. هن ناٽڪ ۾ اهڙو حال سروج نالي استري پاتر جو ٿيو آهي. جنهن هڪ طرف پاڻ کي سزاياب ڪيو آهي ٻئي طرف پارٽيءَ تي اجايو خرچ، نوڪر ڀاڙي تي آڻڻ جو خرچ ۽ وري ڀاڙي واريءَ جي ڀليڻ پچڻ جي زيان جو خرچ پيو آهي. انسان گڏو گڏ سندس مسڪينيءَ تي پڻ مذاق ٿيو آهي.

اهڙيون پارٽيون ڪيتريون نقصانڪار آهن اهو شانتي ثابت ڪيو آهي ته زال جو سچو فرض ڇا آهي؟

# دعـــوت

**آداڪار :-**

سروج : گهر ڌڻياڻي
اشوڪ : سروج جو پٽ
ڇوٽو : نوڪر
ڪملا : سروج جي ساهيڙي
ميران : ”
شيلو : ”
هيرو : ”
شانتي : سروج جي پاڙي واري

جڳهه : هڪ سينگاريل اوطاق جو ڪمرو.

سروج : (ڪڙندي) اوهو! ڪا به پارٽي ڪر ته ڪيتري نه جفاڪشي ٿي ڪرڻي پوي! پورو هفتو ٿيو آهي، ٻڪ ٻوڙ ڪندي، مس مس وڃي سڀ بندوبست ٿيو آهي، نه نه اڄڪلهه نوريءَ گهٽ وڌائيءَ ڪــي ساهيڙيون هٽي

ٽپائيءَ مـان ٽڪيٽ ڪري هٿي هٿي هوڪا
ڏيندڙن ته پڪي آهي، سچي آهي، پر مان
ته گهٽ ڪانه آهيان. مون تـه اڳيئي سندن
واسـ سڀڻ جو بندوبست ڪريان. اشوڪ! او!
اشوڪ. (جواب نه ملڻ تي) اشوڪ ٻـوڙو
آهين ڇا؟

اشوڪ : (اٿندي) جي ممي! ڇا ٿي چوين؟

سروج : ڪٿي هئين؟ سڏ ڪري ڪري اصل ٿڪجي
پيئي آهيان، مجال جو تون ٻڌ ين ؟

اشوڪ : ممي، مون ته پاسي واري ڪمري ۾ پـڙهيو
پئي، منهنجا امتحان آهن.

سروج : هان! پڙهيو پئي؟ چڱو ٻڌ، اڄ مون وٽ
پارٽيءَ لئي ساهيڙيون اچڻيون آهـن، تون
ٿورو وقت پڙهڻ ڇڏ ۽ هنن ٻارن کي وٺي
ڪمري ۾ بند ڪري ويهار، ڪنهن کي ٻاهر
نڪرڻ نه ڏجانءِ نه تـه منهنجون ساهيڙيون
کلنديون ته هيڏا گندا ٻار اٿس ڇا؟ خبر اٿيئي
مان هنن کي چونـدي آهيان تـه مان .B.E
پاس آهيان.

اشوڪ : (کلندي) ممي، B.E ٿورئي چئبو آهـي.
B.A چئبو آهي.

سروج : چڱو چڱو، هل. ڀلا B.A چيم نه ڇا؟ ڀا B.E

سروج : ڪيڏو نه مٺو ٿو ڳائين؟ ۽ ڳائيم پيو وڃائين؟
چڱو ٻڌ، مون نه پنهنجين ساهڙين کي چيو
آهي ته منهنجو مڱڻيج ٿي آهي. هنن کي
ڀلا ڪهڙي خبر ته مون شادي ڪڏهن ڪئي
هئي ، هاڻي جلد وڃي پار سڏيال. منهنجون
ساهيڙيون اينديون هونديون. (اشوڪ وڃي
ٿو) چونو! او چونو!

چونو : جي ممي، آيس.

سروج : مٺا! تون وري منهنجو پٽ ڪڏهن ڪان
ٿئين؟ چورا پنهنج پار اڳيئي ٻيا مٺو ڪائين مٿان
تون ته نمبر وٺائيج، توکي گهڻا دفعا سمجهايم
ته مونکي ممي نه چئج.

چونو : ته ڇا چوان ڀلا؟

سروج : ميم صاحب چئه ميم صاحب.

چونو : اڙي ها! مان ڀلجي ويس. ميم صاحب.
(وڃي ٿو)

سروج : هاڻي اها ٿي رت لڳائينديون ڀا ڪجهه
ٻڌنديون ا؟

چونو : ها نه چئو ڇا ڪريان؟

سروج : ٻڌ هينئر منهنجون ساهيڙيون اچڻيون آهن.
تون انهن سان اَدب سان پيش اچجانءِ نه ته
هو سوچينديون ته نوڪر کي مئنرس ڪانه اٿس.

چيم نه ڇا؟ هن کي جڻ انهيءَ جي مطلب
جي خبر هوندي، نه ته جيڏو چورو هليو آهي
مونکي سيکارڻ، پر ٻڌي ڇڏ جيئن ڪنهن
ٻار گوڙ ڪيو آهي ته خبر وٺندي پاسانءِ.

اشوڪ : پر، ممي، انهيءَ ڪم لاءِ مونکي ٥ رپيا ڏيڻا
پوندءِ، ٥ رپيا.

سروج : ڇو؟ جي هڪ ڏينهن نه ٻارن کي سنڀاليندين
نه ڇا ٿيندو، مان نه روز توهان سڀني کي
سنڀالي ويٺي آهيان ته ڪهڙا ٿا مونکي ٥، ٥
رپيا ڏيو؟ چڱو هينئر ٻارن کي سنڀال، پوءِ
توکي ٥ رپيا ڏيندس.

سروج : چورا ڪو بيعيمان آهين، چڱو وٺ ٥ رپيا،
پر جي ڪوبه ٻار ٻاهر نظر آيو آهي ته خبر
وٺندي پاسانءِ.

اشوڪ : پر ممي جي پيا اچي ته انهيءَ کي به اندر
بند ڪري ويهاريان؟

سروج : اڙي چريا، مون کو ڪهڙيون گوليون کاڌيون
آهن ڇا؟ پڙهين جو نه اڄ اوور ٽائيم آهي سو
نه راحت جو ڏهين ٻارهين کان اڳ ڪانه ايندو،
تڏهن نه هيءَ ٻارني ڪئي اٿم.

اشوڪ : پر ممي اڄ نه لهڻجو ارت دي آهي ۽ نه
شاديءَ جو ڏينهن پوءِ ٻارني ڪهڙي خوشيءَ
ڪري ڪئي اٿيئي؟

سروج : ها، ها کوڙ پاڻي، چونو! او چونو! اڄ ان
اسڪيٽ ۾ پاڻي ڏي. ڪٽندو اچج. ميران،
چو؟ اڪيلي آئي آهين؟ ڪملا کي نہ وٺندي
اچين ها نہ.

ميران : ڪملا کي؟ نہ پائي، انهيءَ کي وٺڻ وڃان نہ
مونکي نہ هتي پهچڻ ۾ اڄ رات ئي وڃي،
هوءَ راڻي سينگارڻ ۾ ڪيتري نہ دير لڳائيندي
آهي؟ پهر پڪا ساڙهي پريس ڪندي،
وري انکي ٻڌڻ ۾ ٽائيم لڳائيندي، وري
سينياڻي مٿي جوپلري پائيندي، پهر پڪا
ميڪ اپ ڪندي، انوقت وڃان ها نہ مان بہ
تہ وقت ليٽ پهچان ها.

سروج : (ساڙهيءَ کي ڏسندي) ميران ساڙهي تہ
ڏاڍي سٺي پاتي اٿيئي، ڪٿان ورتي اٿيئي؟

ميران : (ٻود ۾ پرجي) ساڙهي؟ هيءَ ساڙهي تہ
مونکي منهنجي گهوٽ مئرائج - ڏي تي
پرزنٽ ڏني هئي. خبر اٿيئي گهڻي آهي؟
٤٠٠ روپئي ۾ وري امپورٽيڊ آهي، منهنجي
گهوٽ کي جهڙو تهڙو ڪپڙو وٺي ڪانہ. چوي
"تون نہ راڻي ٿي گهر."
(چونو ٽري ۾ پاڻي ۽ اسڪيٽ وجهي ڪٽي
تو اچي)

چونو : ڇا؟ مڙس. نه ميم صاحب مان ڪنهنجو به
مڙس نه ٿيندس. مان شادي نه ڪندس،
برهمچاري رهندس.

سروج : ٺوڪا! ٻليءَ کي خواب ۾ به ڇيڇڙا، اڙي ڇريا،
توکي شادي ڪير ٿو ڪرائي؟ ڀلا هيءَ ٻارڻي
مون تنهنجي شاديءَ لاءِ رکي آهي ڇا؟
مڏرس معڏي لڇڻ.

چونو : اڇا، اڇا هاڻي سمجهيم، نه هاڻي توهين ڇتا.

سروج : ٻر ٻڌ، وڃين ڪيڏانهن ٿو؟ مان جيڪي چوانءِ
سو چڱيءَ طرح ٿري ۾ وجهي ڪڍي اڇج،
گهڻو ڳالهائيج نه، سمجهئه؟

چونو : ميم صاحب، مان سڀ سمجهي ويس. توهين
ڇتا.

(دروازي تي آواز)

چونو : اڇو اڇو، ميم صاحب توهانجو ئي ته انتظار
پيئي ڪري (ٻيون ڏي نمندي)

ميران : آئي! سروج هيءَ ڪير؟ تنهنجو وڏو پٽ
آهي ڇا؟

سروج : (ڪلندي) نه ڙي، هتڙو منهنجو پٽ! نه نه
هيءُ ته منهنجو نوڪر آهي نوڪر.

ميران : هان! نوڪر؟ اَلا! هيڏو وڏو پٽ ڪري آئي
آهيان. ڏاڍي اڄ لڳي آهي؛ پاڻي ته پيئار.

سروج : سٺي ڇوڪري هوندي. نيٺ اڇي شيءِ آهي ۽
وري گهوٽس جي پسندي، اهو رنيبد ائس.
۴۰۰ روپيا ائس گهوٽس مٿي بج - لڳي جي
ڳفت وٺي ڏني ائس.

ڪملا : ڇا چيئه؟ گهوٽس وٺي ڏني ائس؟ ۴۰۰ به؟
اڙي بيوقوف پيئي ٻاٽائيئي. هيءَ ساڙهي
ته مون پنهنجي پاسي واريءَ کان ۵۰ روپيا
به وٺي ڏني هانس، توکي ته خبر آهي ته مان
سيڪنڊ هينڊ ڪپڙو پايان ٿي ڪانه. سو ميران
کي وٺي ڏنم.

سروج : اڇا! ۵۰ روپيا به؟ تمام سستي آهي پر ميران
ته چيو ...

(شيلوءَ جو اچڻ)

شيلو : ڀائي معاف ڪجو! مان توهان دير سان پهتي
آهيان. (پاڻيءَ جو گلاس کڻي ڪملا کي ڏي)
ڪملا سيٺ ته ڏاڍو سٺو پاتو اٿيئي؟ سچن
هيرن جو اٿيئي؟

ڪملا : توکي ته خبر آهي ته مان ڪوڙ پايان ٿي ڪانه
۽ منهنجو گهوٽ ته چوندو آهي ته جڏهن به
زيور ٿي دل ٿئيئي وٺي پاءِ. آخر زيور ٿي
ته زالن جي ملڪيت آهي نه؟

ميران : چمڪيس ته ڏاڍو پيو، ڏاڍو وڏندڙ

سروج : اڙي ڇريا ! هيءَ ڇا ؟ هيٺين اسڪيٽ ۾ پاڻي ڪڻي اچبو آهي ؟

چونو : ميم صاحب ! توهان اسڪيٽ پاڻي چيو نه ته پهرين ٽري ۾ اسڪيٽ وڌم پوءِ پاڻي، پٺيان ٿي وڌا نه.

سروج : بيوقوف ائين نه، اسڪيٽ هڪ پليٽ ۾ وجهي ٽري ۾ رکي پاڻيءَ جا ٻه گلاس ڀري ٽري ۾ رکي ڪڻي اچ وڃ هتان جلد ڪر.

چونو : هان ائين، ته هاڻي توهين ڇٽا.

ميران : سروج هيءُ نوڪر ائين ڪي جوڪر! آندو ڪٿان اٿيئي ؟

سروج : ميران، توکي نه خبر آهي ته هنوقت ۾ ماڻهن ۽ نوڪرن جي ڪيتري نه تڪليف آهي ؟ هيءُ ويچارو نئون آهي ۽ آهي به ننڍو، آهستي آهستي سکي ويندو.

(چونو اسڪيٽ ۽ پاڻي ڪڻي ٿو اچي ۽ ڪملا اچي ٿي)

ڪملا : اڙي واه ! ميران ته مونکان به اڳ ٿي پهچي وئي، مون ته سمجهيو هو سڀني کان اڳ مان ٿي وڃي پهچان. پائي، مان به پاڻي ته پيئان، ميران ساڙهي ته ڏاڍي سٺي ٿي لڳيئي، ڪلر به تنهنجي منهن تي ٺهڪي پيو.

نہ چوي پيئي نہ سڄڻ هيرن جو سيٽ آهي.

هيرو : اڙي مان مدراس گهمڻ ئي ويس تہ چيائين مهنجي لاءِ هڪ سهڻو سيٽ وٺي اچج، سو هيءُ وٺي آئي سانس.

ميران : ڪملا هاڻي ٻڌاءِ هيءُ سيٽ ڪهڙو آهي؟ تو سوچيو هو نہ نون مهنجي ساڙهيءَ جو پول ٻڌرو ڪري، مونکي سيٺي جي اڳيان گهٽ ڪندا ٻئي پر ڏنئہ ”جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي“ مهنجي لاءِ ڪڏ ڪونہ نہ. پاڻ ئي ان پر ڪرائي.

سروج : (اندر ايندي) اڙي وري ڇاجي گرما گرمي ٿي؟ اچو، ڪاٿو، نہ تہ وري سڀ ٿڌ ٻون ٿي ويندٻون ۽ مزو ٿي ڪانہ ايندو. هيءُ سڀ شيون مون پنهنجي هٿ سان ٺاهيون آهن. هيرو پيلا ويا تو سان ڪانہ آئي ڇا؟

هيرو : پائي، انهيءَ چيو نہ مان نہ اڄ پنهنجي گهوٽ سان فاءِ اسٽار هوٽل پر ٿي وڃان.

سروج : فاءِ اسٽار هوٽل؟ پيلا ڪڏهن ڏٺي بہ اٿائين؟ پيلا ڪٿي راجا پوچ ڪٿي گنگو تيلي؟

ميران : اتي بہ خبر ٻڌي اٿو؟

سڀ : ڪهڙي؟

سيٺ آهي.

(هيروءَ جو اچڻ)

هيرو : هاءِ! ٻوري ٻاٻي.

شيلو : آئي ائو انگريز ٻاڻي. هاڻي ڏسجو ته انگريزيءَ جون ڪيئن ٽيون ٽڪون ٽٽن!

هيرو : ڇو شيلو؟ توکي منهنجي انگريزي ڳالهائڻ نٿي وڻي ڇا؟ ٻائي، تون ٻلا ڄاڻين ٿي ڪاڻ ٻوءِ ته انهن لي ڇوندين ته؟

سروج : ٺهيو هاڻي ٺهيو! خوشيءَ جي محفل ۾ ڇوٽيون رنگ ۾ ڀنگ وجهو، مان ته ڏسان منهنجون سڀ جسن ٿري وئون هونديون توهان ٻلا لڳائي ڏيو. (سروج وڃي ٿي)

شيلو : اهي جسن ڇا ٿينديون آهن؟

هيرو : اڙي ٻشڙ ڪي ٿي جسن ڇوي. هاڻي ٻڌاءِ ته انگريزيءَ جون ٽڪون ڪير ٽوڙي؟ (ڪملا ڏانهن مخاطب ٿي) ڪملا ڪيئن سيٺ وٽي؟ ڪهڙو ته سٺو ۽ سستو آڻي ڏنو مانءِ؟ ٻائي تو ته ڇيو هئو ٣٥ روپين تانين آڻج ٻر ٢٥ ۾ سٺو ملي ته ٻيو ۽ هيءَ ٤٠ روپين وارو مونکي وٺيو، سوچيم ڪهڙو فرق آهي جي تو ته ڪيو ته مان ٿي رکي ڇڏيندس.

شيلو : ڇا هيءَ سيٺ تون وٺي آئي هئينديس هيءَ

جا پيا. تون ئي ٻڌاءِ ته ٻيا سيٺن کي ڇڏي
ڏنو هو؟ ڇا ڇا نه ورتو هوءِ انهن کان؟

ميران : پر مون ڪو انهن کان گهريو هئو ڇا؟ جيڪي
ڏنائون، پنهنجي ڏيءَ کي ڏنائون، اسين
ڪو پنهنجن ٻارن لاءِ ڪجهه ڪونه ڏنا ٿا هيون
ڇا؟ يا سيٺن جي ملڪي مان ڪي بنگلا
ماڙيون ٺهرايون ائون، يا بئنڪ جا اڪائونٽ
پر ٿا ائون؟ باقي مٿان ڌاٽين جا نخرا. ٺوري
نه ڪا ڪس پڪائي ٿئي ٿي. وٺيون خوار
ڪنديون.

سروج : ها ها، ميران سچ ٿي چوي ٿي، اهوڪي
ڏٺي ليٽيءَ لاءِ جواٻدار ڇوڪريون ٿا ته آهن
نه؟ جيڪي ٻين جي وس ۾ پنهنجون
گهرجون محدود نٿيون رکن ۽ ساهرن کي
پنهنجو گهر سمجهي نٿيون هلن. اڳيون وقت
هئو ته ننهن ديڳڙي جي ڪرڙ کائي ٿا چوندي
هئي ته اسان ٻوڙ پلاءُ کاڌو آهي. پر هن
وقت ۾ ٺهر هلن ٿا سڀيون سياڻيون، ڪائين ٿا
سٺو ته ٿا ساهرن کي پيٺون خوار ڪنديون.

ڪملا : انين ڪانهي. ”ڪٿي چور سچا ته ڪٿي
ٻور سچا.“ جٽي سس جبري آهي اتي
ننهن وڃاري هيسيل هرڻيءَ جيان پيٺي

ميران : هو گوميءَ جو پٽ آهي نہ ؟ سو لڏو مٿي پنج
ڪري آيو آهي.

شيلو : ڏاڍو سٺو ٿيو. نہ تہ اڄڪلهہ گهوٽ مائٽن
جي قاتل واعد جي ڪري ڇوڪرين لاءِ
ڇوڪرا ملڻ ڪٿي ٿا ؟ هينئر تہ ڇوڪرن جا
مائٽ پٽن جو سوڊو ڪرڻ لاءِ سنڌرو ٻڌي
ويٺا آهن ۽ پوءِ ڏيتي ليتيءَ جي ڪري
ڇوڪرن کي پاڻ سان نهڪندڙ جيون ساٿي
نٿو ملي تہ هنن کي شادي ڪرڻ جو مزو ئي
نٿو اچي.

سروج : شيلو لڳي ٿو تہ سٺو ٿيو، پر ويچاريءَ
گوميءَ کان پڇيو اٿيئي ؟ هن جا تہ لکن جا
خواب لهي اچي پٽ پيا.

هيرو : پر شادي ڪنهن سان ڪٿي اٿائين ؟

شيلو : هوندي ڪا ڇوڪري ٻيو ڪير هوندي ؟

ميران : چون ٿا تہ ڇوڪري تہ ڏاڍي سٺي اٿس، پر
گوميءَ کي ڏيتي ليتيءَ ۾ ملندا ڪاريءَ
وارا ڪک.

ميران : پاڻي مان تہ چوان ٿي اها ڏيتي ليتي لاهي
ڇڏجي تہ سٺو.

هيرو : ٺهيو ميران ٺهيو، هاڻي بس ڪر، هاٿيءَ جا
ڏند کائڻ جا هڪڙا هوندا آهن تہ ڏيکارڻ

لاءِ پاڻي تي وٺي آيا جلد پئسا ڏيو تہ
مان وڃان.

سروج : تون ڪونہ مڙندين؟ چڱو ٻڌاءِ گهڻا پئسا ڏيانءِ؟

چونو : ٢٠، رپيا هڪ ڪلاڪ جا تہ ٻن ڪلاڪن جا
٤٠ ٿيا نہ؟

سروج : ٤٠ رپيا؟ ڇا تون ڊاڪٽر کان بہ مهانگو
آهين ڇا؟

چونو : اهو تہ منهنجو جهونو ۽ ڪميشنل ريٽ آهي.
منهنجو هاڻي نئون ريٽ ٣٠ رپيا ڪلاڪ جا
اٿو. سمجهو؟ توهان مونکي اڳئين هفتي
بوڪ ڪيو تڏهن اهو فائدو مليو اٿو.

سروج : چڱو هاڻي گهڻو نہ ڳالهاءِ، پئسا وٺ ۽ روانو
ٿي وڃ ۽ ٻہ باقي بليٽون شانتيءَ کي
ڏيندو وڃ.

(چونو وڃي ٿو)

ميران : سروج تون تہ چوين پئي تہ هيءُ منهنجو
پرمننٽ نوڪر آهي، پر وٺي تہ پاڻي تي
آئي هئينءَ.

هيرو : رڳو نوڪر ڇا، هيءُ سڀ فرنيچر ۽ ڪراڪري
بہ تہ اڌاري ورتل اٿس.

سروج : اڙي بابا، ”جو تن لاڳي سو تن جاڻي“
منهنجي ماڻي ويٺي هئي موڪل تي تڏهن

هلي، پر جڏهن سس ٻڌي ٿي اٿي ته نهر
پنهنجو رعب ٿيون ڏيکارين. "جدا کڻ ته
جدا ڳرو پڙ کڻ ته پڙ ڳرو."

(پليٽن ڀڄڻ جو آواز)

سروج : اڙي چونو! ڇا پيو ڪرين؟

چونو : (هٿ ۾ پليٽ کڻي اچي ٿو) ميم صاحب پاسي واريءَ جي سيٽ جون ٿي پليٽون ڀڄي پيئون.

سروج : ڇورا ڪيئن ڀڳيون؟

چونو : (هٿ واري پليٽ ڦٽي ڪري) او هيئن.

سروج : مٺا ڇرپو ٿيو آهين ڇا؟ اڄاڻا ويٺو نقصان ڪرين. هاڻي هوءَ ڇنهن ماڻي ته مون سان وڙهندي.

چونو : ميم صاحب وڙهي ته وڙهي مان ڇا ڪيان؟ مهنجو ته هاڻي ٽائيم پورو ٿي ويو آهي مان هاڻي ويندس جلد پئسا ڏيو.

سروج : ٿورو ته شرم ڪر. مهنجون ساهيڙيون اچان وينديون آهن ۽ تون وڃين ٿو.

چونو : هيءَ وهن ته وهن انهن سان مهنجو ڪهڙو واسطو؟ هيءَ ٽڪنديون ته مان ته ٿوري ٽڪي پوندس؟ توهان ته مونکي پن ڪلاڪن

شانتي : مائي آڪڙ نہ ڏسوس. لڳي ائين ٿو ڄڻ لڪ
ڀيٽيءَ ۾ ٻي سڀ اوڏر اٿس. ايترو ٿي جي
ايمان هٿ ۾ نہ ساهيڙين لاءِ ٻازار مان نٿو ن
سيٽ وٺي اچين ها نہ؟ موڪلان ڇو گهرايئہ؟
گهوٽ وڃارو راس ڏيهن ٻيڙي جي نوڪري ۽
اوور ڏانيم ڪري ۽ هيءَ مهاراڻي ٻڌهڻين
ساهيڙين ڪي ٻارنيون ڏيئي ويٺي پئسا
برباد ڪري.

سروج : تنهن ۾ تنهنجو ڇا وڃي؟ منهنجو گهوٽ ڪو
نوڪي دانهن ڏيئي ويو آهي ڇا؟ جو تون ٿي
ڇو ٻن؟ مان ڇا ۾ ڪريان تون وڃي پنهنجو
گهر سنڀال ٻين جي گهرن جي نوس نوس
ڇڏي ڏي.

شانتي : مائي آڪڙ نہ ڏسوس. سمجهي ٿي نہ مان ڪا
آفيسر جي زال آهيان، آئي مان نوڪي سڏائان.
آخر ١٨ سالن کان تنهنجي پاسي ۾ رهي پيئي
آهيان. ڪڏهن ابدي شانتي ۾ اصر نہ ڏي.
ڪڏهن چوندي اڙي پٽاڻا گهرائڻ وسري ويا
اٿم ۽ ٿي ڏي نہ سهين.

سروج : ۽ تون وري گهٽ آهين؟ ڪڏهن چوندا ٻنءَ
نہ ڪمبل اڌاري ڏي نہ — ڪڏهن ٻاٻڙ ۽ وري
واپس ڏيڻ جو نہ نالو نشان ۽ ڪانهي.

ڪٽي هن ان چرني کي گهرايم. ته نه مان ٿي هن کي گهرايان. شڪل نه ڏسيس ۽ مٿان وري ڏيان.

(شانتيءَ جو اچڻ)

شانتي: واهه سروج واهه! منهنجي سيٽ جون ٿي پليٽون پڇي موڪليون اٿيئي؟ هاڻي نه منهنجو سيٽ ٿي ڪرجي پيو. منهنجو گهوٽ اچي مونکي دڙڪا ڏيندو.

سروج: پاڻي ڇيڙيءَ ٿي ڀلا ڪهڙو ڀروسو، ويچارن جي عمر پوري ٿي هوندي ته نيٺ ڀڄنديون نه؟ اڄ ڪلهه هلندي چلندي ماڻهو ٿي مري ٿا پون ته ڇا ٿو ڪري سگهجي.

شانتي: واهه ڙي واهه! منهنجن پليٽن جي عمر نه اچي، تنهنجي گهر پوري ٿي. هڪ ته منهنجو سيٽ ڪارين وري مٿان رعب ٿي جمائين ته پليٽن جي عمر پوري ٿي. خبر اٿيئي هيءُ سيٽ مونکي شاديءَ ۾ ڏڄ مليو هو. تنهن کي ٢٥ سالن کان پيئي ساهه سان سانڍيان. هيڏڙيون ڀلا هنڌڙيون شيون ملن ٿيون ڇا؟

سروج: ٻه ٽون گهٽ ڇو ٿي ڳالهائين. ٻيو ڪي پليٽون ڪين نه. وٺي ڏيندي سانءِ. ڪو ٻار ٻنڌ ڪانه ٿي وڃي آهي. تڪو فڪرين ۾ پليٽون ٽٽنديون آهن.

سڀ ٻڌجي ويون آهيو ۽ وٺو ٿيون اجاڻن
آب ميڙن ۾ وقت ۽ پئسو برباد ڪنديون.

ڪملا : ها ها، شانتي چوي ٿي سچ ٿي اسانجو پهريون
فرض ته گهر سنڀالڻ آهي.

شانتي : هاڻي ته ڪهڙي دير آهي؟ اڄ کان ڪٺو قسم،
تہ اوهين اڳتي اهڙين پارٽين ۾ نہ شامل
ٿينديون ۽ گهر ۾ ڪنديون.

سڀ : ها ڀاڻي اسان توبه ڪئي.

—: سماپت :—

شانتي : مان گهٽ ۾ گهٽ تو وانگر اجايو اڻ مڃو رکي هيءَ پارٽيون نه ڪانه ٿي ڪريان نه؟ ٻچڙن سان گڏجي دال روٽي کائي خوش ٿي ويٺي آهيان نه؟

سروج : ٺهيو ٺهيو گدڙ ٻاڪو نه. ٻچي آکي ٿو ڪٿاهه، ڀلا تنهنجي اهڙي سوسائٽي هجي نه پارٽيون ڪرين نه؟ سوسائٽي نه هوندءِ نه پارٽيون وري ڏوڙ ڪندينءِ؟

شانتي : ڪهڙي ٿوري توهان جي سوسائٽي جنهن جي ڪري انهن کي ڪمري ۾ بند ڪري، پاڻ ويهي موجون ماڻجن، ٻار ويچارا درين کان پيا ليٽا پائين نه ڪيڏي مهل ٿيون مميءَ جون ساهيڙيون وڃن نه اسين آزاد ٿيون.

ميران : ڇا؟ ٻارن کي ڪمري ۾ بند ڪيو اٿس؟

هيرو : ها مان نه هٿ ڏوڙ ويس نه هن ڪمري مان ٻن ٻارن جي وڙهڻ جو برابر آواز آيو هئي.

شانتي : ڏسو ڏسو توهين ته نه ضرور هن پارٽيءَ خاطر يا ٻارن کي رلڻ لاءِ ٻيا هن وانگر بند ڪري آيون هونديون نه؟ اسان زالن جو پهريون فرض آهي ته گهر سنڀاليون ۽ جي ماڻهو آهيون ته ٻار به سنڀاليون ۽ پوءِ ٻاهر قدم رکون، پر نئين زماني جي اوٽ ۾ توهين

ناٽڪ - ٦

# اسين ڇا ڪريون ؟

چوندا آهن "ٻار آهي مڇ جو وار، جيئن ورائبس تيئن وري" ٻارن کي ٻالڪ مرڪز جون شيخون پچائڻ جي برابر آهي. هڪ سس ننهن کي ٻارن ٻالڻ جي ڪيتري نه سهڻي نصيحت ٿي ڏئي. البت سس ۽ ننهن جو زماني جي ڳالهه کي وٺي اهمت ڏيو ٿئي ؟ نئين طور سيڙي کي آڻ مڃڻي ٿي پوي ته ٻارن کي هن وديا ذريعي ٻالڻ تمام سٺو آهي.

سماج جي ڏور زالن جي هٿ ۾ وڌيڪ آهي، زالون پنهنجي سماج کي ڪيئن ٺيون ٺاهي سگهن، اهڙو نظارو هن ناٽڪ ۾ آهي.

# اسين ڇا ڪريون ؟

اداڪار :

هيران : گهر ڌڻياڻي
مونيڪا : هيران جي ڌيءَ
سنيلا : ”
امي : هيران جي سس
ميران : هيران جي ساهيڙي
گوپي : ”
پشپا : هڪ پاڙيسرياڻي

جڳهه : هڪ سادو پر صاف ڪمرو.

مونيڪا : (ڌڪ هڻندي سنيلا کي) سنيلا تو منهنجي شيءِ ڇو ڪاڍي آهي؟ ٻڪي، منهنجي لـ ڪائين، پر پنهن جي ته شيءِ ڪاڍي ٿي وڃين. پيٽ الٽي ڪين ڪوهه؟
سنيلا : مون ڪٿي ڪاڍي آهي؟ ۽ مان گهر ۾ هئس؟ مان ته ساهيڙيءَ وٽ وئي هئس.

مونيڪا : ڪوڙي، شيءِ ڪانئي وري ڪوڙ ٿي ڳالهائين
ته تو ڪانه ڪاڌي آهي؟ تو نه ڪاڌي آهي
ته ڪير ڪانئي ويو؟ (وڙهن ٿيون)

هيران : چوريون آهيو ڇا؟ رڳو پيئون وڙهو سڄو
ڏينهن وڙهڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه اچيو ٿو؟
مان نه توهان جهڙن ٻارن مان ڦاسي وئي
آهيان. (مارين ٿي)

مونيڪا : ممي ڏس نه، سشيلا منهنجي شيءِ ڪاڌي
آهي ۽ وري مٿان ڪوڙ ٿي ڳالهائي ته
مون ڪانه ڪاڌي آهي.

سشيلا : نه ممي، مون ڪانه ڪاڌي آهي، مونيڪا
وڏي آهي نه ٿوري ٿوري ڳالهه ۾ مونکي
ڪوڙو ٿي ڪري ۽ ماري ٿي. ڀلا مونکي
توهان پنهنجي شيءِ ڏني ته مان هنجي
ڇو کان؟

مونيڪا : نه ممي، هيءَ ڪوڙ ٿي ڳالهائي. هن شيءِ
نه ڪاڌي ته ڇا هيءَ ڊبو ڪانئي ويو؟

هيران : پو ڀلا ڪاڌائين نه ٿيو نه؟ هاڻي پيٽ مان
ڪڍي ڏيندءِ ڇا؟ ڇوري مان ماءُ ٿي ته
توهان سان ايترو هٿ نه ڪريان ۽ تون
ٽنگ جيڏي ٿي ننڍيءَ ڀيڻ سان ڪيترو
ٿي ڳالهائين؟

ٿيندا. ويچارن کي پنهنجي عمر جون
مستيون نہ ماڻڻ ڏي.

هيران : توبہ آهي! توهان وڏن سان، اجائي موه
وس نہ پاڻ ٻارن کي سڌارڻ جي ڪوشش
ڪريو ۽ نہ اسانکي سڌارڻ ڏيو، ويتر
انهن کي ڪارڻ ٿي سڌرو ٻڌي ٿيون ٻيهو.
اسين ڇڻ ٻارن جون دشمن آهيون؟ ۽ جي
ٻار نہ سڌرن تہ بہ ڏوهہ ملندو ماءُ کي، ان
وقت نہ ڏاڏي ڇٽي ٿي وڃي.

سس : ها پٽ ها ڇٽي، اسان ڪو ٿوريئي ٻار ڇٽيا
۽ پاليا؟ هيءُ وار اڄا اُس ۾ ڪيا اٿئون،
ائين نہ؟ ها ٻارن کي پالڻ ۾ فرق ضرور
آهي اسين ٻارن جي پالنا پيار سان ڪندا
هئاسين ۽ دڙڪو اکہ جو ڏيندا هئاسين،
پر توهان ڇٽيو بہ اڄاسو ۽ وري مٿان مارڪٽ
ڪريو ٿيس اهي بہ۔ هٿيار اٿو ٻارن کي
پالڻ جا.

هيران : توهان ٻار ڪيئن بہ سڌاريا هجن پر گهٽ ۾
گهٽ هئن ٻارن جو پاسو کٽي هئن کي نہ
سر ٿي نہ چاڙهيو نہ؟ ڏسان پنهنجي اکہ
ڏيکاري هئن کي بہ سڌاريو نہ مڃانو.

سس : (کلندي) مهنجي اکہ ڏيکارڻ کان اڳ نہ

مونيڪا : (روئندي) ها ها تون به هن جو پاسو کڻ.
تڏهن ته روز روز منهنجي ڪا نه ڪا
شيءِ کڻي ئي وڃي. سيلا منهنجي سڳي
ڌيءَ آهي ۽ مان ماٽيجي.

هيران : ڇا آهي؟ هاڻي گهڻو ڳالهائڻ به سکي پيئي
آهي ڇوري ماري پورو ڪري ڇڏيندينس،
نه خبر پوندي ته ماٽيجي آهيان. ٻيا سڳي
سڄو ڏينهن ويٺيون مغز کائڻو لڳ ڪري
رکيو اٿو.

(ماريان ٿي)

سس : ڪنوار آهي ڇا؟ صبوح ساڻ ڇٽي ٿي پيئي
آهين ڇا؟ ٻارن کي مارين ٿي يا ڪپڙا ٿي
سئين، ڪن ڪم ٿي لڳين؟ ٻار جڻ مارڻ
لاءِ ورتا اٿو؟

هيران : امي، توهانکي گهڻا دفعا چيو اٿم ته مان
ٻارن کي دڙڪو ڏيان ته توهين سندن پاسو
نه کڻندا ڪريو، هڻي ٻارن جي اهڙي ته
ستياناس ڪئي اٿو جو اسانکي ته هاڻي
ليکين ئي ڪانه ٿا.

سس : پر پٽ ٻار ته نيٺ ٻار آهن. سندن مستي
ڪرڻ، رسڻ ۽ وڙهڻ جا ته هي ئي ڏينهن
آهن. وڏا ٿيندا ته هي به تو وانگر خاراز

ٻارڪن سان پاس ٿيندا هئا، البت اسان
ننڍي هوندي کان ڪين پنهنجي نيم لي
هيو ٻو جنهن تي هو سدائين عمل ڪندا
هئا، اسانکي پنهنجن ٻارن لاءِ ڪڏهن به
ڪابه شڪايت ڪانه هئي، اسانجي زماني
۾ نه ويتر ٻارن تي ڪنٽرول به ڪانه هئو،
۽ هينئر ٻار به جٽيو نه ٿا پائي نه به خفي
لڳيون پيون آهيو، هاڻي هي ويچارا
نازڪ گلڙا ڇا ڄاڻن توهانجا طعنا، تنڪا ۽
ٻار هنن جي ليکي شايد اهو به ڪو ماڻهن
جو حق آهي جو پورو ٿا ڪن.

(دروازي تي آواز)

ميران : ڇا آهي ٻائي اڄ سس نهن جو مهاڀارت لڳو
پيو آهي خير نه آهي نـ؟ هونءَ ايندي
آهيان ته ٻئي گونگيون لڳنديون آهيو.

سس : مائي رام رام ڇڏ، مهاڀارت ڇو لڳي؟ اسان
ته ڳالهه جي ڏي وٺ پئي ڪئي.

گوپي : پڪ ٿي پڪ اڄ هيران ٻارن کي مار پيو
هوندو ۽ امي انهن جو پاسو کڻندي هيران
تي گرم ٿي هوندي ڪيئن امي سچ
چيم نه؟

هيران : ٻر توکي ڪيئن خبر پيئي؟

تون پنهنجيءَ لٺ سان ٻارن کي ماري
ماري اڌ ساهو ٿي ڪري ڇڏين ٿوءِ جن
لٺ ڏٺي ٿنکي اک جو کهڙو اثر ٿيندو؟
ٻار ويچارا مار کائي کائي نٺر ٿي ٿا پون ۽
توهان جهڙيون مائر رڳو اٿندي وهندي
ٻارن کي ذليل ڪريو پنهنجي پل نه مڃيو
ٿي ڪاڻ نه ٻارن کي پالڻ ۾ اسان ٿي ڪا
ڪمي ڪٿي هوندي.

هيران : ها هاڻي اٿين ٿا چئو نه اڄڪلهه جا
ڪلجگي ٻار سڌارڻ توهانجي وس جي
ڳالهه ڪانهي. ڏسو نه پيا نه سڄو ڏينهن
پڙهڻ لاءِ ڪيئن نه ٿي مٿو هڻان، ڳائي
پڳيون ڦيون ڏيان، ٽيوشن تي خرچ ڪريان
نه ته نمبر کهڙو ٿا کڻن؟ جن جو پلا سڄو
ڏينهن ڪاڏي پيتي ۽ وڙهڻ ۾ ڌيان هوندو
سي ٻار پلا ڇا ڪندا؟

سس : ڏس نت هاڻي تون ٿي پڌاءِ نه توهانجا ٻار
هيتري مغز ماريءَ ڪانپوءِ به ستو نمبر ٿا
کڻن ۽ توهانکي انهن لاءِ اسنتوش آهي،
پر اسانجي ٻارن نڪو اهي ٽيوشنون ورتيون
۽ نه اسانکي ڇڻ ڇڻ ڪرايائون ويچارا
پاڻ پنهنجي ليکي پڙهڻ وهندا هئا ۽ ستين

گيهه تي پيا پارن سان مٿو هڻندا هئا ۽
چٽ ڪندا هئا، ۽ وري تي ڪو ڪيو
ڪڏهن نوڪري ۾ توهان ۾ طاقت ئي تي
اوتري هوندي تي؟ اڄ ڪالهه زال تي
جوابداري ڪيڏي آهي جو هوءَ انکي
منهن ڏئي ٻا توهان وانگر ٻار ٻالي پوءِ ته
ٻس سر و ٻو زال جو.

ٿهيو ٿهيو هاٺي گهڻو ٿئي ٿيو توهين ننڍي ٻون : سس
اسانجا سڀا گيهه ڳاٻو پيئون ڳاٻو جڻ
سڏائين پيٽ ۾ اهو ڪاڏو پيو آهي ٻر اسانجو
پورهيو ئي ياد اٿو؟ اسين صبوح جو ٻڄين
ٻجي اٿي جڏب پيهندا هئاسين، گهر ڪي
ليپا پائيندا هئاسين ڏڌ ولوڙيندا هئاسين،
ڏر نوپا ٻاقي وقت ۾ ڪندا هئاسين ٽان جو
راند جو ٻارهين ٻجي مس واندا ٿيندا
هئاسين وري جو سس ڪي جيسين ننڊ
اچي ليسين زور ڏيڻ وهندا هئاسين، هيڏٿر
تي توهانکي سڀ سک ميسر آهن گٿس،
ڪکر سان گهر چڏبو ڦوڪيو پيو آهي ۽
اڏ ڪلاڪ ۾ ماني تيار اسانجون ته ڪانئين
ڪي ڦوڪون ڏيندي اکين مان پيو پاڻي
نڪرندو هئو ۽ هاڻي ته توهين جو سوڌ

گوپي : اڙي هوءِ ٻارن جـي روئڻي شڪل ڏس
ڏ؟ اهو ته هر گهر ۾ هلندڙ چڪر آهي جو
مائر ٻارن کي سڌارين ۽ هيءُ ڏاڏيون ٻارن
کي ڪارين وري مٺان ڇا چونديون مور کان
وڌيڪ وياج مٺو اٿئون.

سس : ڇا ڇا ڇٽين ڇا ٿي؟ اسين ڏاڏيون ٻـار
ڪاريون ڏا. اٿي جس هجيو انهيءَ چوڻ کي،
ڇٺو ته اٿين ٿيون جڻ اسان وڏين توهانکي
گهوٽ ڪريل ڏنا آهن، پنهنجي دل تـي
هٿ رکو ڪڏهن توهين به ڏاڏيون ٿينديون
ان وقت توهانکي ڇهندڙي پوندي جڏهن
توهانجون نهر تـوهانجي سامهون پنهنجن
ٻارن کي ماريندون، الائي زمانو ته ڪهڙو
ايندو؟ اسين ته اٺوڙهيل هئاسين ته بــ
ٻارن کـي پيار ۽ چٽ سان سڌاريوسين،
توهين ته ٻارن کي پالڻ جا ڪورس ٿيون
پڙهو ته به ٻار پالڻ نٿا اچنو، توهين ته پاڻ
اسان کان به رليون وڌيڪ سنا ۽ سمسڪاري
ٻار پالي سگهو ٿيون.

هيران : امي اٿين ڪانهي توهانجا ٻار سڀئجڳي هئا
۽ هيمٺو ڪلجڳي ٻار پالڻ تمام ڏکيا آهن ۽
وري توهان پنهنجي زماني ۾ ڪـاڏا سڀا

۽ ڏيڻ کپي، مارڻ نه کپي، اس جيئڻ
چاهين ٿيڻ ڪن، اڙي هن زماني ۾
جي مائٽ ٻارن کي مدرس نٿا سيکارين
ته ٻه مصيبت آهي هن سماج ۾ مائٽن جي
ڪيتري نه گلا ٿي ٿئي تون ٿي ٻڌاءِ؟

سس : پت اهڙي اُبهري نه ٿيءُ ڳالهه کي سمجهڻ
جي ڪوشش ڪر، توکي ڪڏهن چيو آهي
ته ٻارن کي لڇڻ نه سيکار پر جيڪا ڳالهه
توکي نه وڻي ته تون سعدن ڏيان سني،
ڳالهه ڏانهن ڇڪاءِ ته هو خراب ڳالهه کي
ٻاٽيهي پلجي ويندا، پر جي توهين اهو
ڪم نه ڪرڻ لاءِ ٻارن کي چوندئون ته وڌيڪ
اهو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪين اڳا ٿيندي ۽ هو
ضدي ٿي پوندا، توهين ته رڳو ٻارڻ ڇڏائڻ
لاءِ چوندئون ٻار ضدي آهن ته اسين ڇا
ڪريون؟ انهين ڇئي ٻارڻ ڇڏائي وڃيون آهيو.

ميران : پر اسي اپديش ڏيڻ سولو آهي ڪرڻ تمام
ڏکيو آهي اڄ ڏال جي زندگي هڪ مشين
سمان ٿي پئي آهي سو اهڙا مشين ۾ نه
پڌهجي توفيق آهي ڪم ڪندي نه نيٺ
نه هوءَ اُڪندي ڪي نه؟

سس : اهي سڀ بهانا آهن ٻارڻ ڇڏائڻ جا ۽ آڻ نه

ٻيٽو، ناريل جو پاڻي ٻيٽو، طاقت جون
دوائون ونو باقي اسانجا گهڻ. اڃا ٻيئون پاڻ
کريو جڻ پاڻ کارايا هجنو.

گوپي : بس ڪر ميران اسين وڏن سان ٻڌي
ٿو رهڻي سگهندا سين ۽ وري اميءَ جو چوڻ
به نه سچ آهي. هن وقت ۾ ٻارن کي من
وديا ذريعي اهڙو ٿو گهڙي سگهجي جيئن
ڪنڀر سهڻو گهڙو تيار ڪندو هجي هيءُ ٻار
به ڪنڀر جي مٽيءَ سمان آهن جن کي چاڪ
تي چاڙهي سهڻو گهڙٽو آهي ۽ اهو سڀ
Sychology پڙهڻ سان ڪري سگهجي ٿو
انهيءَ ۾ ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. اها
حقيقت آهي ته ٻار مار کائڻ سان باغي ٿي
ٿا پون ۽ سندن اندرين تي ايترو ته اثر ٿو
ٿئي جو هو صحيح غلط جي پرک ئي نٿا
ڪري سگهن، مان نه اميءَ سان شامل راءِ
آهيان ته ٻارن کي پيار سان پالڻ وڌيڪ
بهتر آهي جيترو ڪ مار ۽ دڙڪي سان نه.
چوٽي ڪانهي ٻار آهي مڇ جو وار جيئن
وراڻيس ليئن وري، انهن کي هيرجي ٿي
اهڙيءَ طرح.

ميران : ته تنهنجو مطلب آهي تہ ٻارن کي دڙڪو

ڪنهن ڳالهه تان وڙهڻ کپي. اڄ اچي شيءِ
تان وڙهيون مونيکا چوي ٿي ته منهنجي
شيءِ ڪاڏي آهي ۽ سنيلا چوي ٿي مون ته
ڪاڏي آهي. ٻئي اچي هٿين پئجي پيون ته
مون به ڏنيمان مار ٿي منهنجي مارڻ جي
آواز تي امي ۽ جو غصو چوٽ چڙهي ويو.

سس : پر پٽ، مارڻ ڪان ته مونيکا کي ڪٽي
توري شيءِ ڏني ها ته وڙهڻ تو ري ٻئي ها.

هيران : پر شيءِ هئي ته ڏيان نه؟ انهي ۽ ڏيهن
ڏسو هڪ صوف هٿو ته ٻئي ڪيٽي پيون
وڙهڻ هو ۽ چوي مان ڪانوان هو ۽ چوي
مان ڪانوان.

سس : پر پٽ، ڀڳوان کپ چو پيدا ڪيو آهي ته
هڪ شيءِ کي جيترو ڳڪرن ٻر کپي اوترو
ٻر وڌائي سگهجي. پٽ هي ۽ توهان جو
ٻارن سان ستو ورتاءُ ڪرڻ آهي سائين پوک.
پوکٽي ۽ جهڙي پوک پوکيندا سين اهڙي ئي
لڻندا سين. توهين ٻارن سان جهڙو سلوڪ
ڪندا يون موت ۾ ٻار به توهان سان اوهڙو
ئي سلوڪ ڪندا ۽ وري نياڻين ۾ به خاص
سنسڪار پيدا ڪجن جو هو به وڃي پنهنجو
گهر آباد ڪن.

مڙڻ جا، زال کي تو گهٽ سمجهيو آهي ڇا؟
زال اها طاقت آهي جنهن کانسواءِ ڪڏهن
ڳجهه ٻورو ڪانه ٿيو آهي، جهانسيءَ جي
راڻيءَ جو مثال تنهنجي اڳيان آهي؛ وري
هاڻي تازو مثال وٺ ته شريمتي انـــدرا
گانڌي به. ته زال هئي ڪيئن سڄي ڀارت
کي سنڀاليندي هئي؟ ڪٿي ڪٿي نـــه
ڀٽي هئي؟ جڏهن هڪ زال هيڏو وڏو
ديش سنڀالي سگهي ٿي تـــه توهين رڳو
پنهنجو گهر نٿيون سنڀالـــي سگهو؟ اڙي
چاهه هجيو ته راهه مليو ته دل ۾ آرزو هوندو
تڏهن ٿي ته منزل ملندو پڌو ڪانه اٿو ته
ٻارن کـــي نپائڻ معنيٰ مکڻ جـــي شيخ
پچائڻي آهي.

ميران : هيران تنهنجي سس جا خيال ته ڏاڍا سنا
آهن. آهي به اڳئين زماني جي، پڙهيل به
گهٽ آهي، پر وچار اعليٰ اٿس. سندس
ڳالهائڻ مان ٿي ظاهر آهي ته ڪيئن ٻارن کي
پالڻ جي اٽڪل تمام سٺي آهي، اسانکي
ته اميءَ مان ڪجهه سکڻ کپي پر توهانجو
اڄ متڀيد هئو ڇا لاءِ؟

هيران : ڇا ٻڌايانءِ هنن ڇورين کي روز ڪنهن نه

(سون ڇاڇيندي) ڏس تہ، سهڻن سون ۾
جس ٿي ڪانهي ۽ نہ پالش ۾ ٿي ڪو مزو
آهي؟ نمونو بہ جهونو آهي لڳي ٿو سندس
وڪيل هوندا.

ميران : وزن تہ ڪٽي اٿس؟ ڏاڍا هلڪا لڳا پيا
آهن پاڻي مان تہ ڇوان سون پلي ٿورو
ٺهرائجي پر سٺو سڀالو ٺهرائجي نہ تہ روز
روز گهرڙاٽين جا خرچ ؟ سون جي ڪوٽ جدا.

پشپا : ميران ڪهڙي ۾ آهي. جس ڪٽي اٿس سڀ
جهوني فيشن جو تہ لڳي ٿو. الا هي ۽ ڳاڙهو
ڪلر ساڙهي ۽ جو آهي. ڏس اکين ڪـــي
پيو ڪاٿي.

ميران : آهستي ڳالهاءِ. ڏس، ڏس ميدا ڪيئن نہ
گهوري پيئي ٿو ڏانهن نهاري، ٿون ڇـــو
پيئي گهڻو ڳالهائين جيڪي ڪهين سو وڃي
ڏيـــن هر ڪو پنهنجي سوڙ آهـــر پير
ڊگها ڪندو.

پشپا : اٿي نهاري تہ وڃي نهاري. مان ڪو ڊڄانس
ٿي ڇا؟ اهڙو ڏاڍو ڏيکارين ڇو ٿيون؟ پوءِ
جڏهن ڪي جهڙو لڳندو تهڙو نہ چوندو نہ؟
دنيا جو واءُ ٿو رئي پڌ ڪنديون.

گوپي : پشپا ٿوکي گهڻا دفعا سمجهايو اٿئون تـــہ

ميران : اڙي اسين تہ هتي اچي ڳالهين ۾ وهي رهياسين هيران لاڏن تـــي هلڻو ڪانہ اٿيئي ڇا؟

هيران : ڀائي انهيءَ لاءِ ٿي تيار ٿيئي ٿيس جو هنن ڇوڪرين جي وڙهڻ منهنجون متيون ٿي منجهائي ڇڏيون.

گوپي : هاڻي ڀلا جلدي تيار ٿيءُ.

هيران : ها ها توهين ٿورو ناشتو کائو تہ مان تيار ٿي ٿيان.

ميران : امي مون توهان سان ڪو غلط بحث ڪيو هجي تہ معاف ڪجو.

سس : اٿي ٻچڙي اها روح رهاڻ تہ اسان ٻـــن ڀيڻهين جي وچ ۾ ٿيڻ ٿي کپي جو ڪجهہ اسين توهان کان پرايون ۽ توهين اسان مان.

هيران : (ايندي) هلو ڀائي مان هاڻي تيار آهيان، هاڻي مونکي ڏوهہ نہ ڏجو.

گوپي : واهہ، واهہ! هيتري دير اسان انتظار ڪيو، سو ڇٽو، هل هل دير ٿي ويئي آهي.

(لاڏا)

پشپا : اٿي اچو ڏاڍو نہ ڏسون، ڇوي ڀيڻي نہ ڏاڍو خرچ ڪري آئي آهيان مان ڏيءُ ڪـــي هيءَ ٿي ڏيان هيءَ ٿـــي ڏيان.

گوپي : پاڻ کي پيار جي پاڻيءَ سان سيڃيو.
پاڻ ۾ سڀني گڏجڻ جو پڪ پوکيو ته اسانجي
ايندڙ سماج سڀني ٿيندي. اسانجا آئينده جا
ابا هڪ نئون پگ. پيدا ڪندا جنهن ۾ هن
وقت جي ڪاهہ پرائي نظر نہ ايندي.

پشپا : اڙي اهو ته ڪرمن جو قل آهي. جهڙا
اڳئين جنم جا ڪرم هوندا تهڙو قل ملندو.
پلا هن زماني ۾ ڪير ٿو پار کي گهٽ پالي؟
ڏسين ٿي نہ ڪوشيءَ کي چار ڌيئر آهن
نہ ڀ هيٺر و ڏاجو نہ ڏاهيو ائس نہ؟

ميران : ڌيءَ کي هن ڏاجي کان وڌيڪ سسڪارن
جو ڌن ڏجي تہ هوءَ هڪ سٺو ڪٽنب
تيار ڪري سگهندي.

پشپا : معنيٰ ميران جي سس جو توپي گهرو اثر
ٿيو آهي.

گوپي : ها ها سچ، اسانکي اُنهيءَ کان سکڻ کپي
هوءَ هڪ ڪامياب ماءُ آهي جنهن کي زال
جي هر شڪايت کي دور ڪرڻ جو
جواب آهي.

پشپا : پليل آهين. اڄڪله جي پاڻ سان پڇڻ
جي جاءِ ڪانهي. وڃي ڪنهن ماستر پاڻيءَ
کان پڇ تہ چائي جواب ڏيندي.

پنهنجا رايا ڪٿي ٿا نه ڏيندي ڪري، لوڪان
ڪنهن ٻڌيو ڇا؟ هن سماج ۾ اسين زالون
ئي نه زالن جون دشمن آهيون جو هر ڪنهن
تي ولون ٿا ٽيڪا ڪندا، هڪ دفعو سوچ
ته تون پنهنجي ڌيءَ جي شاديءَ لئي
ايترو سڀ ڏيئي سگهنديئن؟ اسانکي
گهرجي ته هن سماجڪ برائيءَ کي دور
ڪريون ۽ ڪنهنجو به ڏاجو وغيره نه
ڏيون ۽ پر جي پل چڪ ۾ ڏيون ته ڏيندڙ
کي شاباس ڏيون جنهن اها قرباني پنهنجي
پهچ مان ڪئي هوندي. نياڻين کان لڪائي
ته ڪو مانئت ڪانه رکندو؟

پشپا : پر ڏيکارڻ ٿيون ته ڏيون ٿا، زبان آهي
ڳالهائڻ لاءِ سو، ڳالهائي ٿا وهون اسين پلا
ڇا ڪريون؟

ميران : هلو هلو هاڻي ته لـه وري پشپا ٻيو ڪجهه
به نه ڳالهائي. چوندا ڪانه آهن، ”ڏجي نه
ته ڏڪوڙجي به نه.“ اڄ اچان هيران جي
گهران هڪ سٺو سبق سکيا سين ته وري
هيءَ ڪدو سبق دماغ ۾ نه گهري، تنهن
کان گهر هلي ٻهريون سبق ياد ڪريو.

پشپا : ڪهڙو سبق مونکي به ته ٻڌايو.

ميران : اهي اهڙا ماستر ڪو ڪامياب ماستر ٿو ٿئي ڇنبا جيڪي ٻارن کي پاڙهڻ ۾ مجبوري ڏيکارين ۽ ڇو ته نه پڙهن ته اسين ڇا ڪريون.

گوپي : انڪري ته هاڻي هر اسڪول ۾ ٽرينڊ ماستر ٿا رکن جيڪي Sychology جي ذريعي ٻارن کي سڌن جيئن پاڙهڻ ۾ مدد ڪن.

پشپا : ها اها ڳالهه سچي آهي. هيڊ ماستر ته ڏي ٿي ٿئي، سياڻي مان نه وڃي، اميد ڪان ڪجهه سکي ايندس. چڱو مان وڃان ٿي.

ميران : تون وڃين ٿي ته اسين ڪو رستي ۾ سي وهندا اسين ڇا؟ اسانکي ته گهر ٻار آهي، چڱو پاڻ موڪلايون ٿا.

—: سماپت :—



# واقفيت

نالو : شريمتي سروج گوپال پارواڻي.
(سپتري سرڳواسي ديوان هيرومل سيرناڻي) (آف ٻامبي ڪمپني لميٽيڊ)

جنم: ٢٣ جولاءِ ١٩٣٩ (حيدرآباد سنڌ)

تعليم: ساهتيه رتن، ايچ. ايس. ايس.، ايس. پي. ٽي. سي.

نوڪري : ٽيچر

پتو : "سائين سدا"، بنگلو نمبر B 42، پائي پرتاپ نگر، گانڌي ڌام (ڪڇ) ٣٧٠٢٠١

چاهه : ريڊيو ڪلاڪار، اسٽيج ڪلاڪار، پائي پرتاپ نگر مهلا منڊل جي رچنا، مٽرائج بيورو ۾ چاهه وغيره.

ريڊيو : آل انڊيا ريڊيو ڀڄ تان اند [illegible] ن ڪهاڻيون، ناٽڪ، سماجڪ Talks [illegible] ڊ ٻن جي گڏ جاڻي ۽ ٻاون [illegible] ڙي وغيره پروگرام ڏاهڻ ۾ پيش [illegible]

اسٽيج : ٻهڙا تيار ڪيل [illegible] ڪ ۽ گيمس پيش ڪرڻ.

مقو [illegible] ماج جي ڪرمن کي ڏڪي [illegible] ۽ سٺي [illegible] ماج تيار ڪرڻ. ڏيتي ليتي ۽ اڇاپو [illegible] مبر ۽ انڌ وشواس دور ڪرڻ.